
# عرفان لطيف

3356

سنڌي ادب

يع ڪندڙ :- محڪمهٔ اطلاعات مغربي پاڪستان حيدرآبا



درگاهہ شاهہ عبدالطيف ڀٽائي


Marfat.com

# عرفان لطيف

شايع ڪندڙ:- محڪمهٔ اطلاعات مغربي پاڪستان حيدرآب

Marfat.com

Marfat.com



Marfat.com

86522

Marfat.com

# فہرست


| مضمون | نمبر |
|---|---|
| پیغام :- جناب غلام نبی صاحب مومن | ۱ |
| پیش لفظ :- جناب مسرور حسن صاحب | ۲ |
| نذرانہ عقیدت :- سید بشیر حسین صاحب | ۳ |
| شاہ جو عرفان | ۴ |
| وحدانیت | ۵ |
| رسالت جو بیان | ۶ |


---

L (in) 73 - A

Marfat.com

Marfat.com



جناب غلام نبي ميمڻ

وزير اطلاعات، قانون ۽ پاليماني امور

حڪومت آلهندو پاڪستان .

Marfat.com

Marfat.com

ڏيئي عوامي داستانن ۽ لوڪ ڪهاڻين کي تشبيه، بڻائي نهايت اعليٰ معيار جي شعر جي صورت ۾ پيش ڪيو.

جئين مولانا روم جي ڪلام متعلق چيو ويو آهي ته :-

هست قرآن در زبان پهلوي

اهڙي طرح شاه لطيف پاڻ پنهنجي ڪلام جي باري ۾ چيو آهي ته :-

" جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين.
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي."

شاه صاحب جي بيان مان ظاهر آهي ته سندس ڪلام ۾ جا بجا آهي آيتون يعني نشانيون ظاهر آهن جي اسانکي پنهن جي محبوب حقيقي سان ملڻ واري منزل تائين رسائي سگهن ٿيون. شاه صاحب جي ڪلام کي انهي نقطہ نظر سان پرجهڻ ۽ پروڙڻ جي ڪوشش ڪبي ته يقيناً سالڪ کي مالڪ حقيقي جي مشاهدي ماڻڻ ۽ منزل مقصود تي پهچڻ ۾ وڏي مدد ملندي.

شاه صاحب جي ورسيءَ جي موقع تي هرڪنهن سال محڪمہ اطلاعات جي طرفان مضامين ۽ ڪتابن جي اشاعت وسيلي لطيفي پيغام کي عوام جي هرڪنهن طبقي تائين پهچائڻ جي ڪوشش جاري آهي. هن سال بہ انهيءَ مقصد سان **عرفان لطيف** جي نالي هي ڪتاب شايع ٿي رهيو آهي. **عرفان لطيف** جي مطالع مان معلوم ٿيندو ته شاه لطيف

Marfat.com

پنهن جي ڪلام ۾ کهڙيءَ ريت قرآني آيات جي روشنيءَ ۾ اسلامي فلسفهٔ حيات جي تبليغ ۽ تشريح ڪئي آهي تاڪ، اهو دلڪش شاعرانه ڪلام، راه حق جي پانڌيئڙن کي نصب العين حاصل ڪرڻ ۾ هٿي ڏئي.
اميد ته عرفان لطيف عوام لاءِ واقعي ڪارائتو ثابت ٿيندو.

غلام نبي ميمڻ
وزير اطلاعات، قانون ۽ پارليماني امور
حڪومت مغربي پاڪستان

Marfat.com

Marfat.com



**جناب مسرور حسن خان**

تمغه پاڪستان سي - ايس - پي

ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن .

Marfat.com

Marfat.com

ڪمشنر هائوس

حيدر آباد

۲۸ مئي ۱۹٦٦ع.

# پيش لفظ

شاهه عبداللطيف ڀٽائي عليہ رحمت جي عارفاڻي ڪلام ۾ زندگي جي هر پهلو جي جهلڪ نمايان طور نظر اچي ٿي ۽ قدم قدم تي هو اسانجي رهبري ڪري مشڪلات مان پار اُڪاري همت ۽ حوصلو ڏياري زندگيءَ جي منزل مقصود تي پهچڻ ۾ اسان جي رهنمائي ڪري ٿو.

شاهه جي رسالي کي شعر جي ڪسوٽي تي پرکڻ سان اسان کي اهي تہ عجيب ۽ انوکيون خوبيون ۽ جدتون نظر اينديون جن جو مثال هند توڙي سنڌ جي عالي مقام شاعرن جي ڪلام ۾ نہ ملندو.

معرفت جا سبق اهڙي تہ عام فهم انداز ۾ بيان ڪيا اٿس ۽ تشبيهون خواه استعارا اهڙا ڪم آندل آهن جي هرڪنهن طبقي جي روزمره زندگي سان واسطو رکن ٿا. ويتر جو لوڪ ڪهاڻين کي پنهن جو پيغام پهچائڻ جو وسيلو بنايو اٿس تنهن سندس ڪلام جي مقبوليت ۾ ڪابہ ڪسر ڪانہ ڇڏي آهي.

شاهه لطيف ثقافتي ڪاميٽيءَ فيصلو ڪيو آهي تہ هرڪنهن سال هڪ خاص موضوع منتخب ڪيو وڃي، تہ ڪہ انهيءَ سال ورسي جي موقع تي جيڪي بہ مضامين لکيا وڃن يا مقالا پڙهيا وڃن سي انهيءَ خاص موضوع بابت هجن. هن مان مراد آهي شاهه جي ڪلام جي هر هڪ پهلوءَ کي اجاگر ڪرڻ

Marfat.com

۾ عوام اڳيان پيش ڪرڻ لاءِ موزون طريقو اختيار ڪيو ويو - چنانچ، هن سال جنهڪو موضوع مقرر ڪيو ويو آهي سو آهي " شاهه جي ڪلام ۾

## " اسلامي اقدار "

محڪمه اطلاعات حيدرآباد طرفان سال بسال شاهه لطيف جي ورسي جي موقع تي خاص اشاعت جون جيڪي روايتون قائم آهن انهن ۾ پڻ مذڪوره مقصد کي پيش نظر رکيو ويو آهي، تنهن ڪري هن ڪتاب (عرفان لطيف) ۾ شاهه جي ڪلام کي اسلامي احڪام ۽ قرآني آيتن جي روشني ۾ پيش ڪرڻ جي بهترين ڪامياب ڪوشش ڪئي وئي آهي جنهن لاءِ مان ڊئريڪٽر انفارميشن حيدرآباد کي مبارڪ پيش ڪريان ۽ اميد اٿم ته هي ڪتاب عوام توڙي خواص وٽ مقبول ثابت ٿيندو.

مسرور حسن خان

ڪمشنر

حيدرآباد ڊويزن.

Marfat.com

# نذرانهٔ عقيدت

شاه عبداللطيف ڀٽائي جي فيض جو چشمو هن سر زمين جي باشندن کي سيراب ڪندو رهي ٿو - هن ڪامل عارف جي پيغام کي عوام جي هر طبقي تائين پهچائڻ جي مقصد سان محڪمه اطلاعات حيدرآباد جي طرفان سال بسال ورسيءَ جي موقعه تي خصوصي اشاعتن جو سلسلو جاري رهندو اچي ٿو .

هن ڀيري فيصلو ڪيو ويو آهي ته " شاه صاحب جي ڪلام ۾ اسلامي اقدار " جي موضوع تي سموري توجه مرڪوز ڪري مضامين ۽ مقالا لکايا وڃن - حيدرآباد ڊويزن جي ڪمشنر جناب مسرور حسن خان جي تجويز تي لطيف ثقافتي ڪميٽيءَ جي انهيءَ فيصلي کي نظر ۾ رکندي هتان جي بلند پايه شاعر ۽ اديب ، محقق ۽ مصنف جناب محمد خان غني جي هيءَ تصنيف **عرفان لطيف** بصد عقيدت عوام جي اڳيان پيش ڪجي ٿي .

قابل مصنف قرآني آيات جي روشني ۾ شاه لطيف جا بيت نهايت اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيا آهن .

۽ فقط اها ڪوشش ڪئي آهي ته شاه سائينءَ جو ڪهڙو بيت قرآن شريف جي ڪهڙي آيت جو تفسير ٿي سگهي ٿو .

هن ڪتاب جي اشاعت ۾ جناب شاڪر مصطفيٰ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر انفرميشن حيدرآباد جنهن محنت ۽ سرگرميءَ سان معاونت ڪئي آهي ان لاءِ مان سندس شڪرگذار آهيان .

اميد اٿم ته هيءَ پيشڪش پڙهندڙن کي پسند ايندي .

حيدرآباد
۲۸- مئي ۱۹۶۶ع

سيد بشير حسين
ڊائريڪٽر انفرميشن- مغربي پاڪستان
حيدرآباد.

Marfat.com

Marfat.com

ت ف ۱۰۴۱

# عرفان لطیف

مصنف

محمد خان غنی

Marfat.com

Marfat.com



صدر مملڪت فيلڊ مارشل محمد ايوب خان ۽ وزيرقانون مغربي پاڪستان
جناب غلام نبي ميمڻ جي پٽ شاهه تي آمد.

Marfat.com




صدر مملڪت فيلڊ مارشل محمد ايوب خان شاه لطيف جي ٢١١ ورسي جي

Marfat.com

حقيقت. پوريـن ٽن منزلن مان مٿي جڏهين سالڪ جو قدم چوٿين منزل ۾ پوي ٿو، تڏهين هو "ڪي ڪين" ٿي وڃي ٿو. ۽ جڏهين هو ڪي ڪين ٿئي ٿو، تڏهين ئي هو حقيقت کي سچائي سڀ ڪجهه ٿي پوي ٿو.

صوفي سير سين ۾ جيئن رڪن ۾ ساه
سا ڪري ڳالهڙي جئين پريون پروڙي پساه
آهس ايئ گناه جي ڪا ڪري پڌري.

*　　*　　*　　*

ڏاي ڏکويا، اڻ ڏني راضي ٿيا
صوفي تنهن ٿيا جيئن ڪين کنيائون پاڻ سين.

شاهه عليه الرحمت پاڻ پنهنجي ڪردار سان اهو "ڪين" ٿي ڏيکاريو.

عام راهه ۾ شاهه جي مذهب جا ٻه پهلو پڌرايا ويا آهن، هڪڙو حقيقي ٻيو مجازي.

هت ٻه راهين رس هت ٻه رسيون هوت کي

ظاهري شريعت جي پابندي پوري، پر وجد ۾ پنهنجي محبوب سان مڪا ميلو، ۽ ميلو ٻه اهو جنهن ۾ خدا جي وحدانيت کان سواءِ ڪين ڪجهه ٻه نظر نه اچي ماڻهن کان انهن راز کي لڪائڻ ۾ ئي پاڻ سندن ڀلو سمجهندا هئا. چو ته ڪين اهو انديشو هوندو هو ته متان ماڻهو منهنجون رمزون پروڙي نه سگهن ۽ وڃي گمرا هوءَ جي ڪن پر ڪرن. صوفيانه اصطلاح ۾

Marfat.com

محل مومل جيئن چڙي سوڍل ٻنا سڏڪا ڀري
ٿو تڪي تارا ته، ڪڏهن ور ولهي تي ٿو وري
ٻانهون پيچل کي ٻڌي يا عرض ۽ آزيون ڪري
مختصر هر رنگ ۾ ٿي عشق جي آتش ٻري
لفظ ايلا جا مگر هن جو چنيسر کو ٻيو
مير ۾ سهڻي جيان ٻر هن جو ميهر کو ٻيو

سنڌ توڙي سنڌ وارن سان سندس الفت اها
سنڌ ڪنهن ساعت وساري شاه، آهي ڪانڪا
لفظ تمثيلون مڙيئي ڪم آندئين سنڌ جا
يعني ٿيو سنڌي زبان کي ذات هن جي کان بقا
داستان حب‌الوطن ۾ مارئي آندئين مثال
ڳالهه کهڙي کان نه هن جو ويو ڪٿي ڀهچي خيال

وڙ هيون واڙيون وطن جون جنهن سيئي ساريون
ريتيون رسمون اجاگر جنهن ڪري ڏيکاريون
يا ڪنڍيون، ڪاريون، ککهون ڪالهن ۾ جنهن ڪوڪاريون
ڪين وسريون قلب هن جي تان جگر ۽ جاريون
حق آهي هن جي الفت تي پنهل جي يار سان
عشق تنهنکي ٿيو وطن جي گل سان توڙي خار سان.

Marfat.com

# وحدانيت

الله تعاليٰ اسلام کي ئي سچو مذهب ڪري چيو آهي. انهيءَ مذهب جا اصول ڪهڙا آهن؟ اهي سڀ قرآن حڪيم ۾ نروار آهن ۽ چوڏهن سون ورهين ۾ الله جي انهيءَ پاڪ ڪلام جا ڪيترائي تفسير لکجي چڪا آهن. شاه صاحب عليہ الرحمت جي پنهنجي ڪلام لاءِ دعويٰ آهي ته:-

جي تو بيت ڀانئيا سي آيتون آهن
نئومن لائين پريان سندي پار ڏي

جي شاه صاحب پنهنجي بيتن کي آيتون ڪري چوي ٿو ته پوءِ لازمي طرح سان قبول ڪرڻون پوندو ته اهي بيت قرآن شريف جي آيتن ڏانهن اشارو ڪن ٿا يا انهن ۾ ڪن آيتن جو تفسير سمايل آهي. اسين انهي ڀيٽ تي اچون، اُن کان اڳ اسانکي اسلام جي رڪنن تي ٻه هڪ نگاه ڪرڻي آهي، جن ۾ الله جي وحدانيت ۽ خاتم نبوت حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي رسالت جي اقرار سان گڏ روزي، نماز، حج ۽ زڪواة جا رڪن خاص چيا وڃن ٿا؛ پر جي ان کان هڪ قدم اڳتي هلبو يا انهن احڪامن جو ورق ورائبو ته پوءِ هڪ سچي مسلمان ٿيڻ لاءِ پيا لاتعداد حڪم به نظر ايندا جن لاءِ خود شاه صاحب فرمايو آهي ته:-

روزا نمازون بندگي اي ٻئي چڱو ڪم
پر او ڪو ٻيو فهم جنهن سان پسجي پرکي

Marfat.com

ڇا هنن ڪيترن ئي خدائن کي هڪ خدا ڪري ڇڏيو اها ته، وڏي نرالي تعجب جي ڳالهه آهي.

هندو مذهب ۾ ديهي، شڪتي ۽ ٻڏي انهن ٽن ڳالهين کي گڏي خدا سمجهيو ويندو هو. موجوده دور ۾ ماده پرست به اهوئي عقيدو رکن ٿا. ۽ هنن جو زور به هن ڳالهه تي آهي ته جيڪي آهي سو هتي آهي (مرڻ کان پوءِ ڪجهه به نه آهي شاه صاحب انهيءَ تثليث جي بت کي هڪ ئي هٿوڙي سان ٽوڙيندي فرمايو آهي ته:

تيڏي ٻسي ٽي هوتان آهي هڪڙو.

لقد كفر الذين قالو آ ان الله ثالث ثلثه م وما من اله
الا اِله واحد ط (القرآن)

بي شڪ اهي ماڻهو ڪافر ٿي چڪا جيڪي چون ٿا ته الله تعاليٰ ٽن مان هڪڙو آهي حالانڪ هڪ خدا کان سواءِ ٻيو ڪوبه سچو معبود ڪونهي.

* * *

تو جنهن جي تات، تن اڻ آهي تنهنجي،
فاذڪروني اذڪر ڪم، اي پروڙج بات،
هٿ ڪاتي ڳڙ وات، پيچڻ پر پرين جي.

الله جو ارشاد آهي ته، مونکي هرحالت ۾ ياد رکو، جي اوهين مون کي ياد رکندا ايندا ته مونکي به اوهان جي يادگيري اوتروڻي رهندي.

شاه صاحب ان لاءِ فرمائي ٿو ته:

اکر پڙهه الف جو ورق سڀ وسار،
اندر تون اُجار پنا پڙهندين ڪيترا



Marfat.com

ان تي تاڪيد ڪندي چيو ويو آهي تہ:

جيڻن جيڻن ورق ورائيين تيڻن تيڻن ڏنو ڏوه
تنهن ڪهڙيءَ ڪبو ڪوه، جنهن رهڻيءَ رهيو نہ سپرين

مطلب صاف آهي تہ خالي زبان سان الله الله چوڻ ڪافي نہ آهي پر ان لاءِ قلب جي حضوري بہ ضروري آهي يعني جنهن وقت الله جو نالو وٺجي، آن وقت قلب بہ آن ڏانهن ڇڪجي وڃي جي قلب جي حضوري نہ هوندي تہ

پڙهيو تا پڙهن ڪڙهن ڪين قلوب ۾
پاڻا ڏره چڙهن، جي ورق ورائن وترا۔

* * * * *

پڙهئو پڙيجاه سبق انهم سور جو
ميم رکجاه من ۾ الف تنهن اڳياه
چتا چوريجاه اها لات لطيف چئي۔

الله جي وحدانيت جو اقرار ڪندي چيو تہ:

تون چؤ الله هڪڙو والي ٻي م سڪ
سوئي لکيو لک سچو اکر من ۾

جئي تون الله هڪڙو وائي ٻي وسار
تن ۾ نند تنوار، سدا سڀرين جي

شاه عليہ الرحمت انهيءَ سوره شريف جي تفسير سان اُي پنهنجي ڪلام جي ابتدا ڪندي فرمايو آهي تہ:

اول الله عليم اعليٰ عالم جو ڌڻي
قادر پنهنجي قدرت سين قائم آهي قديم
والي واحد وحده رازق رب رحيم

Marfat.com

سوساراهه سچو ڏٺي جنهن جي حمد حڪيم
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙيون جوڙ جهان جون

مٿان ڪلام جي وچ ۾ وڌي پوي ته ان لاءِ شاهه پڻ سهڻي سر ۾ ڪنايي ۽ اشارن ۾ ته ڪٿي صفا ڪامل لفظن ۾ انهيءَ تند کي تنواريندو اچي، فرمائي ٿو

ڪئي مطالعه مون هو جو ورق وصال جو
تنهن ۾ ڏٺم ٻي تون ٻي لات نه لحظ جيتري

جي مون پڙهيو پاڻ لئه سبق سابق جو
نهندين سڃاتم پاڻهنجي نفس جو اهو
جت عرفان اصل ۾ ڏي روحن روز ڪيو
• وري ورق پيو گڏيم وڃ وصال جو

# رسالت

الله جي وحدانيت جي اقرار کان پوءِ اسلام جو ٻيو رڪن ختم المرسلين حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي رسالت جو اقرار آهي جنهن لاءِ مٿي ڏنل بيت ۾ شاهه فرمايو آهي ته:

ميم رکجاهه من ۾ الف تنهن اڳياهه
چتا چوريجاءِ اها لات لطيف چئي

ميم جو اشارو هڪ مبهم اشارو آهي تنهنڪري شاهه ڪامل لفظن ۾ چيو آهي ته:

وحده لا شريڪ له جن اتو سون ايمان
تن مڃيو محمد ڪارڻي قلب ساڻ لسان
اڳ فائق ۾ فرمان اوتڙ ڪنهن ڻ اوليا

الله تعاليٰ جو ارشاد آهي ته: وما ارسلنا من رسول الاليطاع باذن الله ۾ مون جيڪو رسول موڪليو، سو انهيءَ لاءِ ته الله تعاليٰ جي حڪم سان ان جو چرڻ مڃيو وڃي-

شاه ان جي تفسير ۾ چيو آهي ته:

جوڙي جوڙ جهان جي، جڏهين جوڙيائين
خاوند خاص خلقي محمد مڪائين
ڏڪلمون ڪريمؐ تي چٿو چايائين
انا مولاڪ و انت محبوبي ائين آتائين .
ڏڪي ڏنائين ٻئي سرائون سيد چئي

" ڏڪي ڏنائين ٻئي سرائون سيد چئي " جي الله تعاليٰ حضور رسول ڪريم صلعم جن کي هن جهان جو شفيع بنايو ته هن جهان لاءِ ٻه اهو حڪم فرمايو ويو ته:

و من يشاقق الرسول من بعد ما تبين له الهدي و يتبع غير سبيل المؤمنين نوله ما تولي و نصله جهنم و ساءت مصيرا-

جيڪو به سڄي وات جي ڪاڻ ڪان پوءِ وري به پيغمبر جي (حڪمن جي) خلاف هلي ۽ مسلمانن جي رستن کان سواءِ ٻيو رستو وٺي (ته) اسين ان کي انهيءَ رستي تي هلڻ ڏينداسين ۽ (آخرت ۾) آنکي دوزخ ۾ وجهنداسين، اهو (دوزخ) نهايت بري جڳهه آهي.

Marfat.com

حضور رسول ڪريم صلي‌الله عليه و سلم جن جي بعثت کي شاه صاحب سارنگ جي تشبيه ۾ پيش ڪيو آهي. ان جو هڪ خاص سبب اهو آهي جو جتي بہ برسات نہ پوندي تہ آتي صفا سڃ پيئي واڪا ڪندي. دنيا جو اهو دؤر جنهن ۾ حياءُ شرم اخلاق ۽ امن نہ رهي تہ پوءِ ان جي مشابهت بہ ڏڪر جي دؤر وانگر ٿي وڃي ٿي. نبوت جي مبارڪ دور کان اڳ دنيا جي حالت بہ اها ٿي چڪي هئي، جنهن لاءِ هڪ لقشو هي بہ چٽيل آهي تہ:

اٺويهين انڌوڪار، آيو عمر ڪوٽ ۾
مرم ويو ماڻهن مان، پر پيا ٻري ٻار،
ٿيو نفس نجس جو، هر ڪو تابعدار،
عيب نہ آهي انهن کي، سر تي بديءَ بار
انہ الله عليم بذات‌الصدور" وارينون نہ ويچار
چاڻي چاڻهار تہ لنگهيا حد حياءُ جي

هاجان هيڪاري، وڏي ويا ويهين ۾
ڪنهنجي قلب ڪينڪي، توبهہ، تنواري
ظلم ضعيفن تي، جام ٿيو جاري،
جهيڙن ۽ جنگين جون، چٽنگون چوڌاري،
عمر آمارو هڪڙو، مهڻن پيو ماري،
پيٽن کي ٻچڙو ڪيئون، ڏيءَ نہ تن ڏاري.
"لا يزنہن ولا يقتلن اولاد هن" جن اچي آچاري
انهن تي بہ انهن جو، جور ٿيو جاري
سوڏي صفا واٽ' کان، آمراءَ ٿيا عاري
سار نہ تن ماري، عورت جي اخلاق جي

الله تعالیٰ جلشانه حضور رسول اڪريم صلعم جن جي لاءِ جي

”انا ارسلناڪ بالحق بشيرا و نذيرا و لا تسئل عن اصحاب الجحيم .

(مون توکي (مسلمانن کي) خوشخبري ڏيڻ وارو ۽ (ڪافرن کي) ڏيڄارڻ وارو ڪري موڪليو ۽ دوزخين جي بابت توکان نہ ٿيندي)“ فرمايو آهي تہ ساڳئي وقت

انا ارسلناڪ الا رحمة للعالمين

يعني مون توکي دنيا لاءِ رحمت ڪري موڪليو)

جو حڪم بہ روز روشن جي طرح ظاهر آهي ۽ بارش بہ الله تعالیٰ جي رحمتن ۾ شمار ٿئي ٿي .

قرآن ڪريم برسات کي کليل لفظن ۾ الله جي رحمت ۾ آڻي بڌائي ٿو .

والله انزل من السماء ماء فاحيا به الارض بعد موتها

۽ الله تعالیٰ ئي آسمان مان پاڻي وسايو، پوءِ جيڪا زمين مري چڪي هئي، ان کي جيئرو ڪيو .

پيو حڪم آهي تہ:

الذي جعل لڪم الارض فراشاً و السماء بناء و انزل من السماء
ماء فاخرج به من الثمرات رزقالڪم فلا تجعلوا لله انداد
و انتم تعلمون

جنهن زمين کي تنهنجو وڇاڻو بنايو ۽ آسمان کي ڇت، ۽ آسمان مان پاڻي وسائي ميوا پيدا ڪيا تنهنجي کاڌي لاءِ، تہ پوءِ ڄاڻي واڻي الله سبحانه تعالیٰ سان پنهنجي ڪنهنکي شريڪ نہ ڪر .

Marfat.com

انهيءَ تمثيل ڪي وٺندي شاهه صاحب سارنگ جي حق ۾ چيو آهي تہ :

آڳم ڪيا الله لڳهہ پس لطيف چئي
پلر جي پالوٽ سين پٽن جهليا پاهه
واحد وڏالي ڪيا مٿي ڪسن ڪاهه
سالڪين وريا ساهہ آئن آب اڳوندرو

* * *

اڳم ايءَ نہ انگ جهڙو پسڻ پرينءَ جو
سيڻن ري سيد چئي روح نہ رچن رنگ
سهسين ٿيا سارنگ، جاني آيو جوءِ ۾

* * *

جاني آيو جوءِ ۾ ٿيو قلب قرار
وهلو وچالين ويو ڪري غم گذار
نظارو نروار ٿيو پسايو پاڻهنجو

* * *

وسي تو وڏ ڦڙو نهڪن تهون ڦاريون
لٿين لڪ لطيف چئي، ڏايون تاساريون
پڇنديون پٽاريون، وري وٺائن آئيون

* * *

ٿيءَ پسايو پاڻنجو نظارو ناڳاهه
لٿو ڪٽ قلوب تان ٿي وروهڻ واهه
اميدون ارواح ٿي پسندي پنيون

وڄون وسڻ آئيون، سارنگ سينگاري
اڇيا لک لطيف چئي پلر پياري
وڄڙين واري ڪئي ڪعبي تي ڪرنا نائيا

انهيءَ هاديءَ جي هدايت ۽ پاڪ تعليم جو اثرائتو نتيجو
اهو نڪتو جو ڪٽر ڪافر به حق جو پيغام قبول ڪري اسلام
جي دائري ۾ آيا شاهه صاحب چوي ٿو ته:

* * *

وسي تڏهين وس منڊ مڙئي ميڻهن جي
ڪنرن ڪيٽا چڏيا جي مڙيون ٿي مس
گابا مٿي گس، ڏک ته ڪندا ڏورا

منڊائتن ميڻهن جي رت ته روڪيائين
پلر پلٽيائين گهٽا سانگين سک ٿيا

حضور صلعم جن ڪي الله وٽان جيڪو پيغام پهتو آن کي پان
هام جي آڏو آندائون، آن جو اثر اهو ٿيو جو عرفان الاهي
پري تائين پکڙيو.

گام گندي گنج ابر ۾ آهاءُ ٿيو
پسي پر پرڻن جي دور ٿيا سب ڏلچ
شال وسندو سنج، عاشق تي اوهيڙا ڪري

* * *

آنو اوهيڙا ڪري، عاشق مٿي اڄ
ڏور ڏڪاريا پچ ميڻهن منهن ڏيکاريو.

قرآن شريف جو ارشاد آهي ته:

Marfat.com

لا تقنطوا من الرحمة الله

اللہ جي رحمت مان نا اُميد نہ ٿيو

اللہ تعالیٰ انهيءَ ارشاد سان ٻانھن کي ڪوٺيندي پنھنجي ڪريمي ۽ غفاريءَ جو شان ڏيکاري ٿو.

هي ٿيو اهڙو ٻار جو ٻچي ٻاليندڙ پيو

شاهہ سائين ٻانھن جي غفلت کي ڏسندي آنھن کي چوي ٿو تہ:

سارنگ کي سعيو توکي سعيو نہ ٿئي
ڪڙي ٿو گمان ۾ آيو ڪي آيو
هارن لئہ هر هر جاءِ ۾ هاديءَ هلايو
متان اُين ٻانيو تہ ٻادل آهہ بس ڪئي

معراج شريف جي واقعي کي نظر ۾ رکي بروز حشر شفاعت جي اُميدواريءَ کي ٻانڌ هن طرح ٻڌرو ڪيو اٿن:

منھنجي سيد سارلھندو، مونکي آهہ اُميد اللہ ۾
سجدي ۾ٿي سرين زاري زور ڪندو
مونکي آهہ اُميد اللہ ۾

اُمت ڪارڻ احمد اُت ٻرمل پاڪ پڙهندو
مونکي آهہ اُميد اللہ ۾

اتي بس ڪانہ ٿي، اللہ کي اهو اختيار آهي تہ پنھنجي مدني محبوب جي صحابي ٻڌيون بخشي ڇڏي ۽ جيڪو سندس حبيب جي دامن جھلي تہ آن جون مدايون معاف ڪري.



Marfat.com

هڪي پاڻهي ڇڪ ۾ ٻي ڪري جوڙ جهار
ڪيدي اونهي ڪن مان، اي آڪي جوآدار
جهاز جوهرين جو تنهنکي ڀُوڻ ڏي ڀتار
لنيدا وڏا مڪوا سپ پسندا پار
جيڏاه منهن مدهني جو سچي محمد ص، موچار
سهاجهو ستار، ستڙ سيئي ڪري

قرآن شريف کان پوءِ ٻيو درجو سرور ڪائنات صلي الله عليه و سلم جن جي حديثن جو آهي ربوبيت جي راز تان ڪڏهين ٻه اردو ته ڪجهي ها جي ٻاڻ ان حقيقت کي لرواز ته فرمائين ها. حضرت ڀٽائي عليه الرحمت جو هڪ بيت آهي ته:

وحدتا ڪثرت ٿي ڪثرت وحدت ڪل
حق حقيقي هيڪڙو ٻولي اهيءَ ۾ ڀل
هو هلاجهو هل بالله سندو سجڻين ۳

۽ انهيءَ بيت جو لاڳاپو انهيءَ حديث قدسيءَ سان آهي جنهن ۾ فرمايل آهي ته:

كنت كنزاً مخفيا فاحببت ان أعرف فخلقت الخلق لاعرف

آءٌ هڪ پوشيده خزانو هوس، خواهش ٿيم ته ظاهر سڃاڻپ ۾ آيان، انهي ڪري مون خلق کي پيدا ڪيو ته آءٌ سڃاڻپ ۾ اچان. ساڳي حديث شريف کي شاه صاحب هنن لفظن ۾ چٽو ڪيو آهي:

پاڻهي پسي پاڻکي، پاڻهي محبوب
پاڻهي خلقي خوب، پاڻهي طالب تنجو

Marfat.com

باٺهي جل جلاله، باٺهي جان جمال
باٺهي صورت ٻڍن جي باٺهي حسن ڪمال
باٺهي پير مريد ٿئي، باٺهي پاڻ خيال
سڀ سهولي حال، منجهان اُءِ معلوم ٿئي

يا اڄان ٻه هيئن چئجي ٿو:-

لڪا ڪن فيڪون هئي، نڪا ٻي ٻچار
ملڪتنا مهد هئي تو ڏيءِ جي توار
محبت ساڻ ميهار لاپالين لطيف چئي

* * *

سهڻيءَ ڪي سينگار اڻ لکنا اڳي هئا
ڪن فيڪون ڪانہ هئي لڪا ٻي ٻچار
مرڪيساڻ ميهار لاپالين انئون لطيف چئي.

جناب رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن ڪي ٻنهين جهانن جو
وسيلو سمجهندي شاه ڪين سڏ ڪندي چوي ٿو:-

مديني جا مير سڻ منهنجا سڏڙا
سرڻ تنهنجي سير تون ٻار لنگهالين ٻيڙا

* * *

مديني جا گهوٽ سڻ منهنجا سڏڙا
ڪج محمد موٽ عاصي تنهنجي آسري

* * *

مديني جا شاه سڻ منهنجا سڏڙا
ڪارڻ لگ الله سڳهو رسج سپرين

* * *

مديني جا جام سڻ منهنجا سڏڙا
آهيان تنهنجي سام، سڳهو رسج سپرين.

Marfat.com

# قيامت

ايمان ڪامل جي نشانين ۾ هڪ نشاني الله جي ملائڪن جو موجود هجڻ ۽ قيامت جي قبوليت ۽ ٻڌايل آهي جيسين تائين ڪوبه ماڻهو ان ۾ شڪ رکي ٿو تيستائين ان جو ايمان مڪمل نه آهي.

ان لاءِ الله تعاليٰ فرمايو آهي ته:

واقترب الوعدالحق فاذا هي شاخصة ابصار الذين كفروا ط يويلنا قد كنا في غفلة من هاذا بل كنا ظالمين O

۽ سچو وعدو (قيامت جو) اچي پهچي، ان وقت ٻڪا ٻڪ ڪافرن جون اکيون کليل ئي رهجي وينديون (۽ هو چوندا) هاءِ اسان جي خرابي، اسين (ته دنيا ۾ هن ڏينهن کان غافل هواسون بلڪ (سراسر) قصور وار رهياسون:

هڪ ٻي آيت شريف ۾ فرمايل آهي ته

الله لا اله الا هو، ليجمعنكم الا يوم القيامته لا ريب فيه ط ومن اصدق من الله حديثاً O جنهنجي معنيٰ آهي ته: الله تعاليٰ جي سوا ڪوبه سچو معبود نه آهي آهو اوهانکي ضرور قيامت جي ڏينهن گڏ ڪندو ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ۽ الله تعاليٰ کان وڌيڪ ٻئي ڪنهنجي ڳالهه سچي ٿي سگهي ٿي.

ٻيو حڪم آهي ته:

يا ايها الذين آمنوا آمنوا بالله و رسوله والكتاب الذي نزل على رسوله والكتاب الذي انزل من قبل ومن يكفر بالله و ملائكته و رسله و اليوم الاخر فقد ضل ضلالا بعيدا.

Marfat.com

ايمان آڻڻ وارا الله تي ايمان آڻيو ۽ آن جي رسول حضرت محمد مصطفيٰ صلعم تي ۽ الهي ڪتاب تي جيڪو آلهي پنهنجي رسول حضرت محمد مصطفيٰ صلعم تي نازل ڪيو ۽ الهن ڪتابن تي (جيڪي قرآن شريف کان) اڳي هن نازل فرمايا ۽ جيڪو الله ۽ آن جي فرشتن ۽ آن جي پيغمبرن ۽ پولين ڏينهن (قيامت) کي نه مڃيندو تہ آهو گمراهي جي اونهن درجي تي پهچي ويو .

فرمايو ويو آهي تہ :-

ثم انكم يوم القيامته تبعثون

پوءِ قيامت جي ڏينهن بيشڪ اوهانکي آٿاريو ويندو .

۽ پوءِ فرمايل آهي تہ يوم تشهد عليهم السنتهم و ايديهم و ارجلهم بما كانوا يعلمون يومئذ يوفيهم الله دينهم الحق و يعلمون الله هو الحق المبين . جنهن ڏينهن زبانون ۽ انهن جا هٿ ۽ آنهن جا پير خود انهن جي خلاف آنهن جي اعمالن جي گواهي ڏيندا ، انهي ڏينهن الله آلهن کي پورو واجبي بدلو (الهن جي عملن جو) ڏيندو ۽ آنهن کي خبر پوندي تہ الله تعاليٰ ئي سچ کي کولڻ وارو آهي .

شاه صاحب اها حقيقت اجهو هيئن نروار فرمائي آهي :.

وحده لا شريڪ له ، پڌه نہ پوڙا
ڪ تو ڪنين نہ سنا جي گهٽ اندر گهوڙا
ڳاڙيندين ڳوڙها ، جت شاهد ٿيندء سامهان

۽ اهو بيت قرآن شريف جي هن آيت شريف جو صحيح مصداق آهي .

ياايها الانسان انک کادح الیٰ ربک کدحاً فملاقیه O فاما من آوتي

کتابه بيمينه Oلا فسوف يحاسب حساباً يسيراً Oلا و ينقلب الیٰ اهله مسروراً Oط

اي انسان تون پنهنجي رب وٽ پهچڻ (مرڻ تائين) ڪم ۾ ڪوشش

ڪري رهيو آهين پوءِ (قيامت ۾) انهي ڪم جي جزا کي پهچندين پوءِ

(انهي ڏينهن) جنهن شخص جو اعمال امون آنکي ساڄي هٿ ۾ ملندو ته

ان کان حساب آسان طريقي سان ورتو ويندو ۽ هو آتان فارغ ٿي پنهنجي

متعلقين وٽ خوش ٿي ايندو.

اول آخر آهه هلڻ منهنجو هوت ڏي

پورهئو سندو پورهيتن والي ڪيم وڃاءِ

سو مون ٿورو لاهه جهڻ جٿري ملان جت کي

بيت جي پهرين سٽ ۾

و ان ربک هو يحشرهم ط انه حکيم عليم.

(۽ بيشڪ تنهنجو مالڪ الهن سڀني کي گڏ ڪندو، هو حڪمت

وارو ۽ خبردار آهي) جو تفسير پيش ڪري اچي سٽ ۾ الله تعالیٰ کي

التجا ڪيل آهي ته پورهيتن جي پورهئي کي تون قبول ڪر هتي

پورهئي مان مراد عبادت آهي. عبادت جو قبول ڪرڻ يا نه قبول ڪرڻ

به الله جي اختيار ۾ آهي.

86522

Marfat.com

# رضاء الاهي

انا جعلنا ما علي الارض زينة لها لنبلوكم بالشر والخير فتنة والينا ترجعون۔

مون جو ڪجھ، زمين تي ٿاهيو آهي سو ان جي رونق لاءِ ٺاهيو آهي، انهي لاءِ ته آءٌ ماڻهن جي جاچ وٺان ته انهن مان ڪهڙا ماڻهو چڱا ڪم ڪن ٿا.

و لبلو كم بالشر والخير فتنه و الينا ترجعون

آءٌ اوهان کي برائي ۽ ڀلائي ڀڄائي آزمايان ٿو. ۽ اوهانکي مولي مولوٽ لي اچڻون آهي.

شاه عليہ رحمت انهيءَ امتحان ۽ آزمائش کي "ترڪڻ آهي تڙ ۾" ڪري ڪوٺيو آهي ۽ آن بابت سندن هڪ وائي آهي ته.

هولج هوشيار خبردار ترڪڻ آهي تڙ ۾
ڪڏون ڪوهاڇڪ ڇڪنديون، تان ڪي لئي نهار
ترڪڻ آهي تڙ ۾.

آڏيءَ سي اڪڙلديون، اکيون جن ڪپار
ترڪڻ آهي تڙ ۾.

مون سو ملاحن ڪان تڙ اڙلگا تار
ترڪڻ آهي تڙ ۾.

هوت هلندين ڪئيو وهڻ سنڌ وسار
ترڪڻ آهي تڙ ۾.

ڪه آئڻ ٻن چيڏيونڻ، ڏيرائيون ڏڻار
ترڪڻ آهي تڙ ۾.

ڪو ڪلچ ٻاڻ سين، ٻرين تنهنجو ٻار
ترڪڻ آهي تڙ ۾

Marfat.com

وينديءِ واڳاڙن کي، ٻيئي ڪيم ٻچار

ترڪڻ آهي تڙ ۾

ٻڌين منهن ميهار جي ڏم وٺ ڏينهن ۾ ڪهار

ترڪڻ آهي تڙ ۾ .

ساهڙ کي سڻ سهڻي، ٻچل آڏي پار

ترڪڻ آهي تڙ ۾ .

تار ترنديءَ لڙ لکهوندي عشق جي آڌار

ترڪڻ آهي تڙ ۾ .

پاندم چڙ پريءَ جو ڪهين جي پاتار

ترڪڻ آهي تڙ ۾ .

ڳينديءَ سڌ ساهڙ جو توڏي تي تيار

ترڪڻ آهي تڙ ۾

---

# انسان جي فضيلت

جڏهين شاهه عليہ الرحمت صوفين جي عام عقيده فنا في الله کي

ساهڙ سا سوهڻي، سائر ٻڻ سوامي
آهي نجوئي ڪجهه، ڪجهانڊر ڪالڙي

چئي واضح ڪيو آهي ته ٻئي طرف ان جي وڏيڪ تشريح هڪ وائي ۾ ڪندي چئو اٿس ته:-

ڪهڙي منجهه حساب هئڻ منهنجو هوت ري

Marfat.com

گولي پڄ گناه ڪان ڪونهي سول ثواب
هئڻ منهنجو هوت ري .

نڪي تفاوت ۾ نڪي منجهه رباب
هئڻ منهنجو هوت ري .

هدهائي خوب ٿين لائين جي لعاب
هئڻ منهنجو هوت ري .

پليت ٿي پاڪ ٿئي جنبئو منجهه جناب
هئڻ منهنجو هوت ري .

سو ان ڪهم شي ۾ , جيڪي منجهه تراب
هئڻ منهنجو هوت ري .

هو جي جرڪنا جر تي سي تان سپ حباب
هئڻ منهنجو هوت ري .

هاديءَ سين هن پار ڏي رڙهين ساڻ رڪاب
هئڻ منهنجو هوت ري .

چنبو وجهي چور ڪي , آءُ چڙ عقاب
هئڻ منهنجو هوت ري .

ديد وڃائي م دوست جو , هلي منجهه حجاب
هئڻ منهنجو هوت ري .

هن وائيءَ جي هر هڪ سٽ ۾ ظاهري ته, شاه جدا جدا سبق ڏنا آهن . ار جي غائر نظر سان ڏسبو ته الهن سڀني بيتن ۾ جدا جدا اسلامي ارڪان جي تعليم ڪي مدنظر رکيو ويو آهي .

سو ان ڪهم شيءِ ۾ جيڪي منجهه تراب



Marfat.com

ست جو مطلب آهي ته جيڪي مٿيءَ ۾ (يعني مٽيءَ مان ٺهيل انسان ۾ ) آهي سو ڪنهن ۾ ٻيءَ شي ۾ نه آهي. هيڏانهن الله تعاليٰ هن خاڪ جي پتلي جي شان ۾ فرمايو آهي ته :

والتين والزيتون ٥ وطور سينين ٥ وهذا البلد الامين ٥ لقد خلقنا الانسان في احسن تقويم ٥

قسم آهي انجير جي وڻ ۽ زيتون جي وڻ ۽ طور سينين جو ۽ انهيءَ امن واري شهر (مڪه) جو ته مون انسان کي بلڪل خوب صورت ڍانچي ۾ ڍاليو آهي.

انهيءَ بيت سان لاڳو بيت آهي ته :

هو جي جرڪنا جر تي سي تان سپ حباب

ان لاءِ قرآن شريف ۾ فرمايو ويو آهي ته :

وما الحيوٰة الدنيا الالعب ولهو وللدار الاخرة خير للذين يتقون ٥ افلا تعقلون ٥

۽ پرهيز ڪارن لاءِ آخرت جو گهر بهتر آهي، ڇا توکي عقل ڪوهي.

فما متاع الحيوٰة الدنيا في الاخرة الا قليل ٥

دنيا جي زندگيءَ جو مزو بلڪل بي حقيقت آهي ۽ ڪجهه به نه آهي ۽ جو ڪجهه آهي، سو الله جو تي رهڻ ۾ئي آهي، شاه چوي ٿو ته:

هاديءَ سين هن ٻار ڏي رڙهين سان رڪاب

يعني پنهنجي هدايت ڏيندڙ سان انين گڏ ره جيئن رڪابدار نوڪر

Marfat.com

۽ ايمان وارن کي هي خوشخبري ٻڌاءِ ته انهن تي الله تعالىٰ جي طرفان وڏو فضل ٿيندو.

مطلب اهو وچي بيٺو ته هي دنيا جون ظاهري زينتون ڪجهه به نه آهن. شاه صاحب فرمايو آهي ته:

ٻانئي ڏور ارٽ ۾ ڪتين نه ڪوڙي
وهاڻءُ واڏائي، پٽين سنيوڙي
متي جنهن موڙي، سا ڪيئن وهي وسري.

* * *

مٿين تي موهجي هاري ڳيڙه هار
ڪوڙلين ڪئا ڪيترا انهيءَ خر خوار
پري وئو پتار آيئي ڏنءُ ڏهاڳ جو.

ان کان پوءِ ساڳي سورة شريف ۾ فرمايو ويو آهي ته:

ثم رددنه اسفل سافلين ○ الا الذين آمنوا و عملوا الصلحت فلهم اجر غير ممنون ط فما يكذبك بعد بالدين ○ اليس الله باحكم الحكمين.

پوءِ مون انهيءَ کي هستيءَ جي حالت وارن کان گهٽ حالت ۾ آندو. ليڪن جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا ته انهن کي اهڙو ئي ثواب مليو آهي جو ڪڏهين به روڪيو ڪو نه (انهن سيني ڳالهين جي هوندي به) پوءِ ڪهڙي شي توکي قيامت جي ٻاري ۾ منڪر بنائي ڇڏيو آهي ڇا الله تعالىٰ سيني حاڪمن کان وڏيڪ حاڪم نه آهي؟

Marfat.com

هاڻي هتي ڏسڻون آهي ته جنهن (انسان) کي الله تعاليٰ خوبصورت سانچي ۾ ڍاليو تنهنکي وري چو بستيءَ جي حالت ۾ آندو.

شاه صاحب فرمائي ٿو ته:

اڳي اينءَ هياس جو پنهونءَ ڏوتم ڪپڙا
هاڻي اٿن ٿياس جيئن جت نه نينم پاڻ سين.

* * *

دوست ڪهالي دادلا محب مارائي
خاصن خليلن کي سختيون سهائي
الله الصمد بي نياز سا ڪري جا چاهي
الهيءَ منجهه آهي ڪا اونهي ڳالهه اسرار جي.

قران شريف الهيءَ اسرار جي ڳالهه کي هن طرح کولي ٿو.

و لنبلونكم بشيء من الخوف و الجوع و نقص من الاموال ولا نفس و الثمرات ۽ البت آءٌ توکي ڪجهه ڊپ ڪجهه بک ڪجهه مال ڪجهه جان ڪجهه پيداوار (يا اولاد) جي نقصان سان آزمائيندس و هو الذي جعلكم خلٰئف الارض و رفع بعضكم فوق بعض درجات ليبلو كم فيها اتكم ۽ اهوئي خدا آهي جنهن توکي زمين ۾ نائب بنايو ۽ اوهان مان هڪ جو درجو ٻئي کان بلند ڪيو. الهي لا م ته توکي جيڪي ڏنو ويو آهي، ان ۾ توکي آزمائي. ليبلو كم ايكم احسن عملاً.

اوهانکي آزمايو وڃي ته ڪير ٿو اوهان ۾ چڱا ڪم ڪري. و نبلو كم بالشر والخير فتنه و الينا ترجعون ۽ آءٌ توکي برائي ۽ ڀلائي ڀچائي آزمايان ٿو ۽ توکي سون وٽ موٽي اچڻون آهي.

Marfat.com

# عبادت

الله تعاليٰ سيني عبادت ۾ نماز جو درجو مٿانهون رکيو آهي ۽ ٻئي نمبر ۾ زڪوات جو حڪم آهي. جن لاءِ الله تعاليٰ فرمايو آهي ته

و اقيمو الصلوات و اتو الزکوات وار کعوامع الراکعين

۽ نماز کي برابر رکو (بلا ناغي پنهنجي وقت تي پڙهو) ۽ زڪوات ڏيو ۽ جهڪڻ وارن سان گڏ جهڪو

و انها لکبيرة الاعلي الخشعين لا الذين يظنون انهم ملقوا ربهم و انهم اليه راجعون

بيشڪ نماز دشوار آهي، مگر جن جي قلب ۾ خشوع آهي انهن کي دشوار نه آهي. خشوع رکڻ وارا ماڻهو آهي آهن جيڪي هي خيال رکن ٿا ته هنن کي موٽي پنهنجي رب سان ملڻو آهي ۽ هن ڳالهه جو به خيال رکن ٿا ته آهي بيشڪ پنهنجي رب جي طرف موٽي وڃڻ وارا آهن.

و يقيموا الصلوات و يوتوالزکواة و ذالک دين القيمة ط ٥

۽ نماز کي درستيءَ سان ادا ڪريو ۽ زڪوات ڏيندا وڃو، اهوئي دين نيڪ آهي.

"نماز کي درستي سان ادا ڪريو" ان کان مراد اها آهي ته نماز ۾ قلب کي پنهنجي رب ڏانهن واريو ۽ ٻيون واڳون سڀ وساريو.

فويل للمصلين ٥ لا الذين هم عن صلواتهم ساهون ٥ الذين هم يراءُون و يمنعون الماعون ٥ ته انهن نمازين جئي (قيامت جي ڏينهن) خرابي ٿيندي

Marfat.com

جيڪي پنهنجي نمازن جي پروا نٿا رکن، آهي جيڪي (نماز پڙهي يا اهڙي عمل ڪري ماڻهن کي) ڏيکارين ٿا ۽ روزمره جي استعمال جي شيءِ اڌاري نٿا ڏين.

وري حڪم ٿئي ٿو ته.

و اقم الصلواة لدلوک الشمس الي غسق اليل و قرآن الفجر ان قرآن الفجر کان مشهودا ○ و من اليل فتهجد به نافله لک عسيٰ ان يبعثک ربک مقاما محمودا (بني اسرائيل ١٢)

اي پيغمبر سج لهڻ کان وٺي رات جي انڌيري تائين نماز کي درستيءَ سان پڙه ۽ صبح جي نماز به (ادا ڪر) ڇو ته صبح جي نماز ۾ فرشتا به شريڪ ٿين ٿا ۽ رات جي ڪنهن وقت ۾ جاڳي اٿي (تهجد) جي نماز پڙه اهو تنهنجي لاءِ زياده (بهتر) آهي عجب نه آهي ته ان جي برڪت سان تنهنجو مالڪ توکي مقام محمود تي پهچائي.

شاهه صاحب انهيءَ حڪم جو اُشو هن طرح ڇنيو آهي.

ساري رات سبحان جاڳي جني ياد ڪيو
آن جي عبداللطيف چئي مٽيءَ لڌو مان
ڪوڙين ڪن سلام آڳهه، اچيو آن جي

* * *

ساري رات سڄاڻ سودو ڪن صاحب سين
ٻانهپ ٻري پيڙيون هاڙيا جوب جوان
ٻاٽي پهلوان، لحظي منجهه لنگهي ويا

* * *

Marfat.com

ڀڙياتا ٻيٺي تو نہ ڦٻنديون ڳالهڙيون
سچيون رانيون سمهڻ پر سڪاڻ ڏيٺي
ٻباح سيٺي ٻار ڀڄندو خبرون

* * *

وري تاڪيد طور فرمايو ويو آهي .

ليل نہ جاڳيڻ لک ميڻ ستين رات سڄي
هتان هوتائين جون ويٺيون خرزينون ڪڄي
پوري تون نہ پڄي سبب ڪه سات مڙين

* * *

غافل غفلت ڇوڙ تون ڪيڻ اٿاسي اوجهرين
ڇپاتا ڇڙهي ويا، وڃي پهتا تونڙ
ليٽين ننڊ آ ڪوڙ، جم ورن م واڪا ڪرين

* * *

ستين پور ڏکيا ڪري، وڏي جاڙ ڪياء
در پر آيين دوس جي تہ سر ٻر هندسياء
اصل آري جام جي سڱي تون تہ سياه
ٻنهون سن ايياه تي نياڳي ننڊون ڪرين

* * *

اي ڪم ڪميٽين، جيڻ سمهڻ پور ڏکيا ڪري
لوچڻ چو نہ لطيف چئي، هاري! لٺ هوتن
ننڊلون لياڳن ڪي اوپالا اچن
سي ٻنهون ڪوه پڄن، جي سنجهي رهن سمهي

* * *



Marfat.com

# صبر جي تلقين

الله تعاليٰ جلشانہ جو فرمودو آهي تہ

ان الله مع الصابرين

الله صبر ڪندڙن سان گڏ آهي

۽ فرمايو ويو آهي تہ

والعصر ○ ان الانسان لفي خسر لا الاالذين امنوا و عملو الصلحت و توا صو باالحق٥ و توا صو باالصبر

هن سورت ۾ سخت وعيد آهي الله تعاليٰ سڀني ماڻهن کي خساره ۾ هجڻ جو حڪم ڏنو، سواءِ اُنهن جي جن چار ڳالهيون اختيار ڪيون پهرين ايمان آڻڻ ٢- نيڪ ڪم ڪرڻ ٣- سچي دين جي تبليغ ۽ صبر جي نصيحت۔ صبر جي صيغي ۾ قرآن شريف هن طرح هدايو آهي۔

نفس بد جو مقابلو ۽ مقابلي ۾ ثابت قدمي ئي صبر آهي۔

جنهن لاءِ شاهہ صاحب پهرين چيو آهي تہ۔

چانگي چئي چڪياس مٺاءِ اڪ لہ آهي<br>
جه ول گهٽا وهائنا آن سين آر لڳياس<br>
چوڏاري چندن وڻ ٻچي ٻوج ٻياس<br>
راڙي رت ڪياس، هن ڪڏاتوري ڪرهي

* * *

ولي سيت سوت راهہ پنهنجي ڪرهي<br>
وليون واس ورلئون، پهريون مٿي هت<br>
چالڪي چکي چت تم پوءِ لہ رهندو پنند ري

* * *

Marfat.com

کرهي کي ڪئين وڏم پٺند پاڻ جا
لوڙو لاٿيءَ کي چري نير ساڻ نئين
چالکي سندي چت ۾ صاحب وجهه سنئون
اوباهئوس الين لطف سان لطيف چئي

* * *

ڪرها تو کي ڪام، مون سچو ڀسي سچيئي
مان ڀروڙي مام سانگاهي سنئين وهين

* * *

پوءِ آنکي قابو ڪرڻ لاءِ اجها هي وات وٺي ٿو

آئي اڙالينس، چڙيو ته چيڪ ٽيو
ڪارايان ڪڙيو وجي پلاڻي پائينس
ڏاوڻ تنهن ڏائينس، جيئن چري ۽ چنگهوي گهٽو

* * *

اهڙي طرح جنگ جي وقت ۾ دشمن جو مقابلو ۽ مقابلي ۾ استقلال ۽ صبر آهي.

مير مدينا نڪري رڙهيا متي رند
گهوڙا تن گهوڙن جا ڀرڻا متي ٻند
جتي رهيا راتڙي سي سنهارا هند
ڪلا ڪرنگر ڪندجهرن جهونجهارن جا

* * *

ڪامل ڪربلا ۾ آيا جنگ جوان.
ڏرتي ڏابي لرزي ڏرانئا آسمان
ڪره هئي ڪان، هو نظارو اينهن جو

* * *

Marfat.com

ڏنو ڪالڪنهين جهونجهارڪو جهڳڙو؟
هاٿين هڏ مڄائيا ريلو رت لٽين
پائن سا سنٿين، جنان جيءُ جوکو ٿئي

* * *

بهادر گڏيا بهادرين ڪڙڪ ڪاول ڪن
وجهن ڌڙ ڌڙن تي، هاڪارين هڻ
ڪرن ڪند نچن، رڻ گجنو راڙو ٿيو

خدا جي راه ۾ مشقت کي برداشت ڪرڻ ۽ صبر آهي.

الاهي عشق جنهن لاءِ شاه صاحب چيو آهي ته:

وحده جي وڍئا الا الله سون اورين
هنيون حقيقت گڏنو طريقت تورين
معرفت جي ماڻ سين ڏيساندر ڏورين
سڪ نه ستا ڪڏهن وڃي نه ورڙين
ڪلنئون ڪورين عاشق عبداللطيف چئي.

الهيءَ منزل تي پهچي شاه انهن سختين مهڻ جو ڏس ڏئي ٿو ته

پل ۾ پڇيائون عشق جي اسباب کي
دارون هن درد جو ڏاڍو ڏسيائون
آخر والعصر جو ايهم آتاهون
تهان پوءِ آءٌ سڪان ٿي سلام کي

وري پيو دنو اها ڳالهه دهرائي وڃي آهي.

ڪوڻي ڪنائون اج پڻ اڪڙين مين
ماس وراهي هليا، ڪراڪل ڇڏيائون
و تواصوبالحق و تواصوبالصبر ائين اتائون
مٿي مارياٿون ڪلي گهاريو سجڻين

Marfat.com

ارضي ۽ سماوي مصيبتن ۾ استقلال ۽ صبر آهي، ان لاءِ سندن نظريو هي آهي تہ:

پريان سندي پار جي مڙيئي مٺائي
ڪانهي ڪوالي چکين جي چيت ڪري

* * *

سيئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم
تي تحقيق تسليم ۾ لاهي غم وهم
قادر ساڻ ڪرم، حاصل ڪري حاج تو

# شرڪ جي مذمت

ڪبيرن گناهن ۾ شرڪ هڪ وڏو گناهہ آهي، تہ پوءِ توحيد جي طالب ڪان اها ڳالهہ ڪيئي ٿي لڪل رهي.

ڪافرن ۽ مشرڪن لاءِ قرآن شريف ۾ آهي.

ختم الله علي قلوبهم و علي سمعهم ط و علي ابصارهم غشاوة ولهم عذاب عظيم ٥

الله تعاليٰ انهن جي دلين ۽ ڪنن تي مهر هڻي ڇڏي آهي. هنن جي اکين تي پردا پيل آهن ۽ انهن لاءِ وڏو عذاب آهي.

تہ شاهہ وري اِلهيءَ جو اظهار هيئن ٿو ڪري:

اڇي پيا آٽ ۾، وات وڃائي جن
اوَ بي بصر برن ۾ انڌا ٿيو آين
ڪنن آڏيون تاڙيون ڪنگن جهڙن گهمن
قرآني فرمان جو آهي پر پوڙن
ڪپت ڪاهوڙين، آهہ آٿي هٿي نہ لهي

Marfat.com

# جهاد

هر مسلمان تي جهاد فرض آهي ۽ ان لاءِ خدائي حڪم آهي:

و قاتلو في سبيل الله الذين يقاتلونکم و لا تعتدوا ط

۽ جيڪي ماڻهو اوهان سان لڙن (ته) اوهين به الله جي راه ۾ آنهن سان وڙهو ۽ زيادتي نه ڪريو.

شاه جو ان لاءِ هڪ ئي بيت ڪافي آهي-

هڻن هڪلن پيلي سارڻ مانجهيان ايءُ مرڪ
وجهن تان نه فرق، رڪ وهندي راند ۾

# قادر مطلق

ان الله علىٰ ڪل شيءٍ قدير

الله تعاليٰ هر شيء تي قادر آهي.

پاڻهي ڏي سنيهڙا پاڻهي سلطان
پاڻ ڪر پاڻ لهي پاڻ سڃاڻي پاڻ

* * *

سو ئي هيڏانهن سو هوڏانهن سو ئي من وسي
سو ئي سو پسي، تنهن سندي سوجهري

* * *

سو هي سو هو سو اجل سو الله
سو پرين سو پساه، سو ويري سو واهرو

Marfat.com

# توبهہ

ان الله يحب التوابين

بيشڪ الله توبهہ ڪرڻ وارن سان محبت رکي ٿو .

ليلا حيلا ڇڏ جي تون سوڻيي سڪئين
ٻائي ٻالد ڳهوء ۾ ٻاڻ غريبيءَ گڏ
هڏ ۾ چنڊء لڏ جي ڪارون آئين ڪاڻڪي .

* * *

جي ڪارون آئين ڪاڻڪي تہ روئي ريجهائيج
ليلا ليلائيج اٿئي ماڳ منٿ جو .

* * *

جي ليلائي نہ لهن تہ ٻڻ ليلائيج
آسر ۾ لاهيج، سڄڻ ٻاجهيندڙ گهڻو .

# الست بربكم

الست بربكم ، جڏهين ڪن پيوم
قالو بلئ قلب سين تڏهين تت چيوم
تنهين ويل ڪيوم وچن ويڙهيون سين . (شاه)

و اذكروا نعمة الله عليكم و ميثاقه الذي و اثقكم به ـ الخ المائد ٢)

۽ الله تعالئ جيڪو احسان اوهانتي ڪيو آهي، ان کي ۽ ان
اقرار کي جيڪو ٻڪو ڪري اوهان کان ورتو ويو سو ياد ڪريو .

Marfat.com

حبيبن هيڪار منجهان مهر مڱ ڪيو
سو مون سڀ چمار، اورڻ اهو ئي ڏيو.

* * *

جڏهين ڪن فيڪون، من تڏا هڪون مارئين
تون ڪيئن و جهين تن ڪي سومرا شڪون
هميرن هڪون جاڙ جسي ڪي ٻاتهون

* * *

چئي ڪن فيڪون جڏهن خلقيا روح خداء
گڏ جت گذران هو، جڙ لڳي تنهن جاء
مون توهين سين آهم اها سا جاء سڀرين

* * *

فيڪون فدا ڪري ڪهيا لين سين ڪن
تعظيماً تمام ڪري، ٻوء ٻڌريائين ان
مارو تتائين من، پهنر ٻاڳي آئيو

* * *

نڪا ڪن فيڪون، هئي اڪا هنگ نہ هون
سجڻ انهيءَ ساعت ۾ ٻيٺي ڏنوسون
مون تن تڏاهڪون ملي ملاقات ڪئي

Marfat.com

نڪا ڪن نيڪون هئي نڪو لڳ اهڃ
پئيو هو نه بت ۾ اڃان ڪي آدم
مون توهين ميں سڳ آهيا سا چاهه سورين

* * *

نڪا ڪن نيڪون هئي ، نڪا مورت ماه
نڪا سڌ ثواب جي نڪو غرض گناه
هيڪائي هيڪ هئي وحدانيت واه
لکيا ٿين لطيف چئي آت ڳجهاندر ڳاه
اکين ۾ ارواح اها ساڄاه سپرين

* * *

گهيڙ لنگهئو گهاري ميثاقا مهارسان
"الست بربڪم قالو بليٰ" ٻر اها ٻاري
ڏسو ڏيکاري ٻرت ٻرهان جو ٻيچرو

* * *

الست ارواحن کي جڏهين چيائون
ميثاقا مهارسان لڏيون مون لائون
سو مولي ڪيئن ٻاهون جو محفوظا معاف ٿيو

* * *

الست ارواحن کي جڏهين چيائون جي
قالو بليٰ قلب ۾ ٿيو تفاعُل تي
مجتي ميهار جي آئون نهوڙي نيهه
سرتيون ساهڙ سي هاڻ مون حق ٿيو

Marfat.com

السّت ارواحن کي جڏهن جا ڳايو جليل
منڻين راه سيد چئي سونائون سبيل
وحدت جي وادي ۾ ڪوڙين ڪي قليل
درياه جي دليل لوڙهي لهوارا ڪيا

* * *

السّت ارواحن کي جڏهين امرڪيو احد
هومن ڪاڍو ميهار ڏي سهڻي سڪن سڌ
دلو دور درياه جي ڪيو ارادي اڌ
جيڪي آهس ڏاڍهن عهد، سوپاري منڌ پاتار ۾

۽ جن اهو وعدو پاريو (ته جيئن الله تعالى فرمايو آهي ته،

و ان تومنوا وتتقو افلكم اجر عظيم ٥

۽ جي اوهان ايمان آڻيندا ۽ (شرڪ ۽ نفاق کان) پرهيز ڪندؤ ته
اوهانکي وڏو ثواب ملندو) تيئن جن ايمان آڻدو تن لاء شاه صاحب
فرمايو آهي ته،

آکي ڪيا اڳهم، نسو روئي اور
لا خوف عليهم ولاهم يحزنون سچن ڪولهي سور
موالي ڪيو معمور، انگ ازل ۾ آن جو

## خيرات ۽ سخا

قرآن شريف ۾ الله تعالىٰ جتي نماز جو حڪم صادر فرمايو آهي،
اتي زڪواة خيرات ۽ صدقي جو حڪم ٻ هاڻدو اچي. آن لاء الله تعالىٰ

Marfat.com

جيڪو بہ ڪم ڪندو الله تعاليٰ کي ان جي خبر آهي -(بقره ٢٦٦)

الله تعاليٰ انسان کي ياد ڏياري ٿو تہ -

و وجدڪ عائلا فاغني۔ فاما اليتيم فلا تقهر ○ط و اما السائل فلا تنهر (وضحیٰ)

۾ الله تعاليٰ توکي نادار ڏسي پوءِ غني بڻايو پوءِ (ان جي شڪرانہ ۾) يتيم تي سختي نہ ڪر ۽ سائل کي نہ جهڙڪ. وري فرمايو ويو آهي تہ-

و في اموالهم حق السائل والمحروم

۽ ان جي مال ۾ سوالي ۽ غير سوالي جو حق هو.

شاه جي لڪن رس لڳاه ان جو تفسير هن طرح ڪري ٿي-

ري مصلحت مڱڻا قصر ڪين اچن
نور تجلو نور سين لمئو لڙ پسن
خيمي ۾ ڪنگهار جي چالڊوڙا چمڪن
لڌالين لطيف چئي سندا ڏاٽ ڏسون
تيلاه ملڪ ڏئين ميثو مڱڻهار کي

* * *

ڪي جو پوجل پولئو پڻيءِ وبهي پان
راجا رتولن ۾ سوبائو سلطان
آءُ متانهون مڱڻا مقابل ميدان
کهوريا لک لطيف چئي تنهنجي قدمن تان قربان
متو هي مزمان هاي آءُ تہ هت ڏيان

Marfat.com

# دنيا قيد خانو آهي

حديث شريف ۾ فرمايل آهي تہ -

الدنيا سجن للمؤمنين و جنته للكافرين

هي دنيا مومنن لاءِ قيد خانو آهي ۽ ڪافرن لاءِ بهشت.
شاه سائين اهو نڪتو هن طرح حل ڪيو آهي-

* * *

قسمت قيد قوي نات ڪير اچي هن ڪوٽ ۾
آئي اکئي لوح جي هنڌ ڏيکاريم هي
پرچي ڪين پهنوار ري جان جسو ۽ جي
راجا راضي ٿئي، تہ مارن ملي مارئي

* * *

قسمت قيد ڪيامن نات ڪير اچي هن ڪوٽ ۾
"ونحن اقرب اليه من حبل الوريد" وطن آن ويندهاس
مارن کي مانديا ڪوليون چڙي ڪڏهين

* * *

قيد الماءُ ٿئوم، هت اڙانگي گهاريان
هناڪ جسمي والفواد لديڪم هنيون هت سندوم
قادر شال ڪندوم، موڙالو سين مارواين

* * *

قيد الماءُ ڪهن جو، سو مون پالڊ رنو
جف القلم بما هو ڪائن ، وهي قلم ولو
اي قضا ڪم ڪيو، جيئن ٿر مارو آءٌ ماڙئين.

Marfat.com

جهڙو ليد الماء تهڙو بند ڪو پيو
جف القلم بماهو ڪائن، لهي ته تر تناء
عمر تو هتاء آجالي تني آجڙين

* * *

ري اعرابين هت، گهنگهر گهارڻ مون تيو
بڪت العينان ني هواڪ دما پچان ساڻ پرت
من اکيون تن تت، جتي جنب جيڏيئن

* * *

هي هند پيئيون هاڻ، ساڙيان سڀ ڏيهين ري
ڪل شيء يرجع الاصله، تي جيجان جهانگين ڪاڻ
پري پنهنجي پاڻ، پسان ملڪ ملير جو

## موت ۽ آخرت

الله تعاليٰ جو برحق ارشاد آهي ته،
ڪل نفس ذائقة الموت
۽ اِن ڪان پوء فرمايو ويو آهي ته،
و ما الحيوة الدنيا الا لعب و لهو وللدار الاخرة خير للذين يتقون افلا تعقلون٥ (الانعام)

دنيا جي زندگي ڪجهه به نه آهي، فقط کيل ۽ دل جي وندر ۽ البت پرهيزگارن جي لاءِ آخرت جو گهر بهتر آهي -
ڇا اوهانکي عقل نه آهي.
وري تاڪيد فرمايل آهي.

Marfat.com

فما متاع الحيوة الدنيا في الا خرة الا قليل (التوبه)

دنيا جي زندگي جو مزو ( بلڪل ) اي حقيقت آهي ۽ ڪجهه به نه آهي.

بوخبرن کي خبردار ڪيو پيو وڃي.

و فرحوا بالحيوة الدنيا و ما الحيوة الدنيا في الا خرة الا متاع

۽ اهي ماڻهو دنيا جي زندگي تي مرڪن ٿا ۽ دنيا جي زندگي آخرت جي سامهون ڪجهه به نه آهي .

شاه صاحب ان جو نقشو هن طرح ڪڍيو آهي

ساٿين ننڍا ٻار ووڙن ٻانڌين ننڍا ٻار
توکي آرس اڪڙين ۾

ٻاتا ٻاڙي وارين ٻڪهه منجهه ٻاتار
توکي آرس اڪڙين ۾

پٽن ٿو پور ڪري آئي تهجي وار
توکي آرس اڪڙين ۾

سڄيون راتيون سمهين ڪيو منجهه خمار
توکي آرس اڪڙين ۾

ڪاڻو ڪنين ٿو سُڻي هلڻ جي هاڪار
توکي آرس اڪڙين ۾

قالب ٿيو تڪڙا ٻڙهو اي ٻچار
توکي آرس اڪڙين ۾



Marfat.com

ساڃڻ ڪنهي سچ ڪي تون ڪوڙو منجهہ قطار
توکي آرس اکڙين ۾

ڪ تو ڪهين نہ سڃي ڪپر جي ڪوڪار
توکي آرس اکڙين ۾

ڪهڙان ٿي ري ڪهڙي الاهي ٿهار
توکي آرس اکڙين ۾

هو جو شڪ شارڪ جو، ٿڌان رک ستار
توکي آرس اکڙين ۾

ڪل نفس ذائقةالموت ڀڙهو ايءِ ٻهار
توکي آرس اکڙين ۾

شڪار تون شهباز جو تون تان منجهہ شڪار
توکي آرس اکڙين ۾

يوم يفر المرء من اخيہ جت ڀڄندا يار
توکي آرس اکڙين ۾

جتي جال نہ لبهي سڄ اي سنڀار
توکي آرس اکڙين ۾

جم وسارين ويسرا پنهن جي پلڪار
توکي آرس اکڙين ۾

* * *

Marfat.com

# انسان پنهنجي زندگي ڪئين گذاري

ويٺو تن تنينس مک ڏيهاڙي مڪڙي
سنباهي سيد چٽي، مٿي نيڊوءَ ليٽس
وڻالي وڏاندرا لاڄو لڳاليٽس
آخر آهرالينس ته، جوکو اٿي ا، جهاز کي

* * *

تن تنيندو آهُ ، مک ڏيهاڙي مڪڙي
ساالباهي سمونڊ جي، منا مور م لاهه
اڄ ڪ سنجهه، صباح آهرلدي اتالک ترين

* * *

اوروائين آئين ميڙيو معلم خبرون
ساتان سڌ ا، ڏين جتي وه ويڌ ڪري

* * *

پيڙي پراڻي وکر پاءُ م وترو
تري م تن پيا پاسنئون پاڻي
هي هڏوهاڻي، ڪڙه ڪااوڻي ڏينهن کي

* * *

وکر سو وهاءِ جو پڻي پراڻو نه ٿئي
ويچيندي ولات م ذرو ٿئي نه ضاءِ
سا ڪا هڙ هلاءِ آڳه جنهن جي آهين

* * *

جتو واڻهُ جهاز ڳڏلو ڦراين سين
پورپندي هن پار ڏي سڌر ڪنج ساز
اچن ٿا آواز ، سٽائي سمولب چا

Marfat.com

قبر جي ڪنار کي ڏسندي چيو ويو

اڇي سو ڏنوء جو ڪپڙ سوء ڪنن سين
ستي لوڪ لطيف چئي ياد نہ ذرو ڪئوء
غافل ٿي غراب کي اوڙه تي آندوء
سو چتر چو هي کان رکين جو ٻئو ڀراٿو ٻوء
جهاز ضعيفن جو ٺاني ۾ ڀرتوء
سيد سات سندوء ، ڀر بندر ڀوڄائين

## شيطان

الم اعهد اليکم يابني آدم أن لا تعبدو الشيطان انه لکم عدو مبين0 و ان عبدوني ط هاذ صراط مستقيم ولقد اضل منکم جبلاً کثيراط افلم تکونوا تعقلون ۝ (ياسين)

اي آدم جا اولاد ڇا مون اوهانکي (پيغمبرن جي ذريعي) چئو ڪوڻ هو تہ شيطان کي نہ پوڄجو. هو اوهان جو کليل دشمن آهي ۽ مونکي ئي پوڄيندا رهجو، اهوئي (توحيد جو) رستو سڌو آهي. ان چوڻ کانپوءِ ٻہ شيطان اوهان مان ڪيتري خلقت کي گمراه ڪري ڇڏيو ڇا اوهانکي عقل ڪونہ هو.

ومن يتخذ الشيطان ولياً من دون الله فقد خسر خسراناً مبيناً ط يعدهم و يمنيهم ط وما يعدهم الشيطان الا غروراً أولائک ماواهم جهنم ولا يجدون عنها محيصاً ۝ (النساء)

جيڪو ، خدا کي ڇڏي شيطان کي دوست بنائيندو ، سو سراسر نقصان ۾ پڙي ويندو شيطان (جيئن چيو هو اهڙي طرح) ماڻهن کي وعدا

Marfat.com

ڏني تہ ہر ہورا لٽو ڪري) اميد ڏياري تہ (مڪر ڪوڙي) ۽ شيطان جيڪي وعدا انهن سان ڪري ٿو سي سڀ دغا سان پريل آهن اِنهن ماڻهن جو ٺڪاڻو دوزخ آهي انهن کي آتان ڀڄڻ جي جاءِ نہ ملندي .

قل رب فانظرني الیٰ يوم يبعثون O قال فانڪ من المنظرين O لا الیٰ يوم الوقت المعلوم O قال فبعزتک لا اغوينهم اجمعين O لا الا عبادڪ منهم المخلصين O قال فالحق لا والحق اقول لاملئن جهنم منڪ و ممن تبعڪ منهم اجمعين O (ص)

ابليس چيو تہ منهنجا مالڪ مونکي انهيءَ ڏينهن تائين مهلت ڏي جڏهن سڀ ماڻهو (وري جيئرا ٿي) اٿاريا وڃن، پروردگار فرمايو (وچ) تو کي انهي ڏينهن تائين مهلت آهي جنهنجو وقت مقرر آهي، هن چيو تہ تنهنجي عزت جو قسم هاڻ تہ آءٌ سيني ماڻهن کي گمراه ڪندس مگر انهي ۾ جيڪي تنهنجا خالص بندا هوندا .

چور آيو اينءَ چوءِ تہ آءٌ آهولي آهيان

جي اسي اکين هوءِ تہ لڪيءِ کي ڪونہ لهي

* * *

جتي مالڪ ماڳ تتي چوران تڪيو

سنڌون تن سياڳ اصل جن اوباهيو

ان شيطان کان اچڪاليءَ جي وات شاه صاحب هيءَ ڳولي لڌي.

پانهپ جو پيڙهن ۾ وکر وڏالون

موتي معرفت جا سچا سوداڳون

Marfat.com

التائب من الذنب اي كٹ كنياٹون
آلين جي آۓ برڪت ٻار لنگهائيا

آن كان پوءِ فرمائي ٿو تہ

جهنگ كامي ٻٽ ٻيو لٿي چوران لڪ
ولي وجودان نڪري جيڪا دڙي دڪ
هڪ سچڻ ٻي سڪ ٻئي پهٽا پاڻ ۾

## الله تعاليٰ جو خوف

ڏهاڳا سهاڳڻيون ڪهڙي ڏوهه ڪين
ور وڏوئو ابهين، جيئن جيئن پاڻ پسن

يا ايها الذين آمنوا الله وكونوا مع الصادقين ط

مسلمانو! الله (سبحانه و تعاليٰ) كان ڊڄو ۽ سچن سان گڏ رهو.

يا ايها الذين آمنوا اذكرو نعمت الله عليكم اذهم قوم ان يبسطوآ اليكم ايديهم فكف ايديهم عنكمج واتقو اللهط وعلي الله فليتوكل المومنون ع
(مائده)

مسلمانو! الله تعاليٰ جو آهو احسان ياد ڪريو جڏهين ڪن ماڻهن توهان تي هٿ هلائڻ گهريو ٿي. پوءِ الله تعاليٰ كان ڊڄو ۽ مسلمان کي الله تي ئي ڀروسو رکڻ گهرجي.

افلم يروا الیٰ ما بين ايديهم وما خلفهم من السماء والارضط ان نشا نخسف بهم الارض او نسقط عليهم كسفا من السماء ان في ذالك لآيه لكل عبد منيب ع (السبا)

Marfat.com

ڇا ماڻهن آنهي، زمين ۽ آسمان کي ۽ ڏٺو جيڪو اُلهن جي اکيان ۽ پٺيان آهي، جي آءُ گهران ته (هڪ ٻل ۾) اُنهن کي زمين ۾ غرق ڪري ڇڏيان يا آسمان جو هڪ ٽڪر اُلهن تي ڪيرايان جنهن بندي ڪي خدا تعاليٰ جو خيال آهي انهي ڪي ته ضرور انهي مان (خدا جي) قدرت جو، پتو ملندو.

آو ڏمرئو ڏس حيلو ٿيو هار جو
سٺو سڀ سرتيون ور ۽ ڪنهون وس
دعوا ڀرئين دس پڇئو تو پورا ڪري

* * *

هيڻ ته گهڻو هشيار ڪل ۽ هڻي ڪانڌ جي
تو پاليو موچاري تيان ڪُڇيءِ ٻالي هار
ڪانڌ ڪوڙي جو ته وٺي سنئين پتين سنگهار
وهم لهي وانجهار، دليون ٻرڪي داسڙو

* * *

ڏاهي هيس ڏيهه ۾، سرتين منجهه سڄاڻ
ڪاڄا ٻيم ڪاڻ جيئن منهن مٿالهوڻ ۽ ڪٿان

* * *

وڏيري هياس، ميڙو مون گهر سر تنهن
هٿ ڇهڻ هار جي ڪڙي ڪانڌ ٿياس
ڏولي ڏيليهاس، آيم ڏنءُ ڏهاڳ جو

Marfat.com

ليلا پوري ڳالهه، ٻڌي چنيسر سان
تو جو پاليو ٻانهنجو سو ريساڻو وا چاڻ
پالڻ ڏار ٻرياڻ ڪالهه ڪنهن جو نه وڻي

* * *

چيئي چنيسر جام سين ليلا لڪاءِ م تون
اي ڪانڌ ڪنهن جو نه ٿئي نرڪا مون نه ٿئين
روئندين ڏينهن مون، ان در مٿي داد ليون

* * *

هلندي هاڙو مٿي ڏکن منجهان ڏوهه
هو اوچڻ سر آنن تي، هي ٻنڌ ٻجهاڙي پوءِ
امڙن ري لطيف چئي، ڪيئن ڪريندس ڪوهه
اڪنا راڙو سڄي روهه، وهان تان نه وس پئو

* * *

هلندي هاڙو مٿي سهي ڏهندس ساهه
لکن تان لطيف چئي ٻاري لئم ٻاهه
ڪندو ٻاجهه الله، وهان تان نه وس پئو

---

Marfat.com



جناب مسرور حسن خان ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن . شاه عبداللطيف
ڀٽائي جي درگاه تي

Marfat.com

Marfat.com

قد جعل الله لكل شيءٍ قدراً ہ (الطلاق)

بيشڪ الله هر چيز جو انداز مقرر ڪيو آهي.

سوري سهڻگاري اصل عاشقن ڪي
لذتا ڪين لطيف چئي ٿيا نيزي نظاري
ڪونهو ڪناري آئيو چاڙهي ان ڪي

* * *

ڪاتيءَ ڪونهي ڏوهه، ڳن وڍيندڙ هٿ ۾
پسئو پر عجب جي لڳيو وڃي لوهه
عاشقن اندوهه سدا معشوقن جو

* * *

ڏيکين ڏوڪ ڪڙهن، جت ڪڙين ڪڙڪو نه لهي
تني طبيبن چاڪ چڪندا ڇڏيا
لکيو پري نه ٽري جي اٿين آهي ته پوءِ

اصل عاشق پانهنجي، سسي نه سانڍين
لاهيو سر لطيف چئي ساهه ملاڙئو ڏين
ڪلنئون ڪاٽين، هڃن پوءِ پريتڻون

ڪڄن ۽ ڪونهن اي پر سنڌي سڄڻين
سوريءَ چاڙهيو سيرين ڏنب ڏيهاڙي ڏين
ويناوره وٽين، آءُ واڍ وڙلا وهاءِ تون

جت حبيب هٽن، ناڻڪ پري نينهن جي
تني طبيبن وڃا وڃي وسري

Marfat.com

٢- و علي الله فتوكلوا
۽ الله تي توڪل ڪريو.

٣- فاذا عزمت فتوكل علي الله
پوءِ جڏهن تون (ڪنهن ڪم ڪرڻ جو) پڪو ارادو ڪرين ته
پوءِ الله تي توڪل ڪر.

شاه سائين الله تعاليٰ جي انهيءَ ارشاد کي نظر ۾ رکندي فرمايو
آهي ته

هورن هاڙو لنگهيو تي جريدي جوءِ
هوندجنيز سين هوءِ، هوت نه هولڊو تن سين

* * *

هورن هاڙو لنگهيو، مٿي موست چڙ
"لا" سين آتي لڏ "ڪين" رسائي ڪيچ کي

* * *

هورن هاڙو لنگهيو، ڳوريون پاسي ڳوٺ
ڪيچ تنون کي ڪوٺ، "ڪين" جنهين جي ڪڇ ۾

* * *

ڪهي جا "ڪين" ڪٿي، پرينءَ پهتي سا
وهي ويڙهيجي جا، وصل تنهن وڃائيو

* * *

هورن هاڙو لنگهيو، ڳوريون تيون ڳمن
هاڃي تنهن هجن، ڏارا سڪ سيد چئي

* * *

ڪا هت نه هت، ڪا ڳوري سندي ڳال
ڪين پهتي مال، حال پهتي هوت کي

Marfat.com

هولڏئا هوت پري اوڏو آ اڻ هولڊ کي
ساڄن تن سري، ”لا“ سين لڏين جي

* * *

لائي خنجر ”لا“ جو هن خچر کي هڻ
سڌن جيون سيد چئي وڻون سڀ وڪڻ
پوءِ پروڙي ڪڻ تہ هلڻ ۾ هوري ٿئين

* * *

ارڏا آريءَ چام ري، گندر گذريام
لڪيون لڪ لطيف چئي اورانگهڻ آيام
پرڻ پنهونءَ پٽ ۾ ايءَ سعادت سنديام
متس ڪم وڏام، وهان تان وس پئو

* * *

هڪي پالهي چت ۾ پي جا ڪري الله
پائهي وجهي ڪن ۾ پائهي ڪنديءَ ني
سڙ سي ڏونئي، جي تڙ توائي مڪڙا.

## نفس

اخذته العزة بالاثم فحسبه جهنم

هن کي نفس پرستي گناه تي تيار ڪري، پوءِ انهي ماڻهوءَ لاءِ
جهنم ڪافي آهي. (قرآن شريف)

إن النفس لامارة بالسوء

بيشڪ نفس هروقت برائي جو امر ڪندڙ آهي. (يوسف)

Marfat.com

اعدا عدوک نفسک التي بين جنبيک. (حديث)

تنهنجو وڏي ۾ وڏو دشمن تنهنجو نفس آهي جيڪو تنهنجي ٻنهي پاسن جي وچ ۾ آهي.

جئن توهه ۾ چڻن، ٻاهه اسيري آن سين
جي هو اوڳڻ ڪنئي آسنهين، تون ڳڻائي ڳڻ
پاند جهليو تون ٻن، هن سنهاري سڳ ۾

* * *

لمي ڪمي لهار لوڻ ڏمر وڏو ڏک
منجهان صبر سک جي سنوارئا سمجهين

* * *

نمي ڪمي لهار تون ڏمر ڏولاءِ ڏو
ٽٽي ساڃاءُ، جي آيهڙن انهي پير تي

* * *

ڏمر ٻاسو ڏک سين ڪاله ڪٺوري هوءِ
والله مع الصابرين آکو ايهم چوءِ

* * *

ڪم ڪمندن ڪٺو هارايو هوڙن
چکيو نه چوندن، هو جو ساءُ صبر جو

* * *

ڪمندڙن گهر ڪهن، چندل چڱا نه ٿيا
ويٺون ويڌ ٻئي هٿ نه اچي ڪڻ

* * *

Marfat.com

هو چوڻي تون ۾ چڱو واتا ورائي
ٻانڌ ۾ ٻائي ويو کيڻي وارو کينکي

* * *

هو چوڻي تون ۾ چڱو واتا ورائي ويڻ
سيڻي سين سيد چئي من ماري ڪر ميڻ
ڪانڌ وڏائي ڪوڻ، ڪيڻي منجهان ڪين ٿئي

* * *

ڪنهن ڪين ٻرائيو، ڪيڻي منجهان ڪين
جي هو مٽائي سيگ، ته زه چئي جوکو ٿئي

* * *

سڻي ويڻ ڪنن سين ورائيج ۾ وري
هاديءَ جي هدايت جي آهي ايءَ گري
تن سڄي ساه سري، جن مارئو نفس مات سڻن

* * *

چندن ڪيم چئج تون ويڻ ورائي سا مهم
ڪامت قيمت جهڙي روز ڏمر ڪي ڏيج
ويڻ ۾ ورائيج ته سڀ در سهاڳي ٿئين

* * *

اڻ چندن ۾ چڱو، چندن چڱو وسار
انڻي ٻهر ادب سين ٻر اهاڻي ٻار
ٻاهو منهن مومن ۾، فرحت سان گذار
مفتي منجهه وهار ته قاضيءَ ڪانيارو نه ٿئين

* * *

Marfat.com

# نيڪي

سا ست ۽ سارين الف جنهنجي اک ۾
لاحق نهارين پنا پيا پرين ۽ ري

الله تعاليٰ جو ارشاد مبارڪ آهي ته:

ان الله لا يظلم مثقال ذرة و ان تڪ حسنة يضاعفها و يوت من لدو نه اجراً عظيماً

الله تعاليٰ ڪنهن تي ذري برابر به ظلم نٿو ڪري، ۽ جي ڪا نيڪي آهي ته ان کي ٻيڻو ڪري ٿو ۽ آن کان سواءِ (ڏني تعاليٰ) پاڻان وڏو ثواب ڏئي ٿو (النساء ٦)

و هو الغفور الودود O ذو العرش المجيد O فعال لما يريد (البروج)

۽ اهوئي (گنهگارن کي) بخشڻ وارو ۽ (نيڪن سان) محبت ڪرڻ وارو آهي. تخت جو مالڪ بزرگي وارو جو چاهي سو ڪرڻ وارو

ان بابت شاه جي ساجه ۾ مطالع ڪريو:-

ڀلائي آهين، پرين ڀلائي پانهنجي
سپاجها سر چوڙهيو ڏوراپا ۽ ڏين
مان ڏي ڏيون ٿيون سجڻ سچاين ۾

* * *

پيشانيءَ ۾ پرين جي ڀلائيءَ جا پور
اگڻ آڪنڊين جي ڏي پا پوهي پور
قمر ڀاڙي ڪيو، شمس سورين مين

* * *

Marfat.com

قاتل ڪمائي ڪري وه ماڳيءَ جي ڪن
ولا ويهي تن ٻيج ڪي پياهون

* * *

آئي آئر واء موڪيءَ مٿ اپٽيا
مٿارا تنهن ساء اچن مر منڀا هيو

* * *

اهو آهي شاه عبداللطيف ڀٽائي عليہ الرحمة جن جي ڪلام جو هڪ مختصر باب، جو معني ۽ مطلب جي لحاظ سان هڪ بحر بيڪران آهي. ۽ جيئن شاه صاحب پاڻ فرمايو آهي ته،

سي ٻوڄارا ٻر ٿيا سمنڊ سيويو جن
آنداٺون عميق مان جوتي جواهرن
لڌاٺون لطيف چئي لعلون مان لهرين
ڪانهي قيمت تن، ملهه مهانگو آڻ جو

۽ عوام ان لاءِ هيءَ راه رکي ٿو.

ٿيو رسالو شاه جو جي آهي تفسير قرآن
يا رموز معرفت يا ڪي منجهس سر لهان
يا شريعت ۽ حقيقت جا ٿيا رستا هيان
يا انهيءَ ۾ ڏس اڙهي حب الوطن جا داستان

بهر صورت ٿيو رسالو راهبر ايمان جو
آهه ٿيو ايمان شاهد مسلمان جي شان جو



Marfat.com

ڪھڙو ٿو چئي درد جو دنيا ۾ درمان ڪونہ آهہ؟
رنج آهي پر نہ هو راحت جو سامان ڪونہ آهہ؟
هر مصيبت ۾ ٿيو شامل فضل يزدان ڪونہ آهہ؟
ڪار مشڪل ڪئين ٿئي آسان سو آسان ڪونہ آهہ؟

روح ۾ ڪجھہ رڙه تہ آڏو هوت پڻ ايندو هلي
سيئي ڀڄن پار جن دهشت ۾ آهي دل جهلي

عشق جا عاشق لکي آهن لکين ويا داستان
ڪن ٻروڙي مام مخفي ڪن ڏنو آهي ميان
راز قدرت جي ٿيا الداز جا ڪي رازدان
پنھنجي دردن کي ڪري هر ڪو ويو آهي بيان

پر سڀن کان شاه جي طرز نگارش آهہ ٻي
حق جي رستي ۾ هن جي ڪهڙو ڪاوش آهہ ٻي

ڪٿ ٻنهل جا پار پڄندي سور سسئيءَ جا ڪٽي
محبتون ميهار خاطر تار ۾ ٿو هٿ هڻي
چت چنيسر کي رکي ليلا ٿي ليلائي وڃي
جو ڀين جي جوءِ پڄندي ڳالھيون تن جون ڳڻي

سينڌري جي لاه مومل ٿي ٿو اوجاڳا ڪري
ٻول ٻيجل جو ٻڌي سورٺ ٿيو سڏڪا ڀري

ڪيئن ڪي وسريون وطن جون هنڪي ويڙهيون واڙيون
هيچ ٿيون هن جي نظر ۾ محل توڙي ماڙيون
هن ڪٿيون ۽ کنهنبڙيون هرگز نہ پٽ سان پاڙيون
ڪهڙي طرح ڪي لڳل تن ۾ وطن جون تاڙيون

جي گهري ٿو تہ ٻہ ٿو ٻهرين سو گهري سنڌ جو سڪا
ٻره چوي ٿو لاه ڏيهن جي مٿان ڏاڙر ڏڪار

Marfat.com

مختصر مطلب تہ قصا سنڌ جا دهرائي ويو
سڀ مجازيءَ مان حقيقي راز سمجهائي ويو
في الحقيقت حق سان هو پنهنجي ائتون لائي ويو
۽ وطن جي حب جو تاڪيد فرمائي ويو

شاه جو باعث انهيءَ اعليٰ ۾ اعليٰ شان ٿيو
۽ زبان سنڌ تي آن جو وڏو احسان ٿيو

هي ڏيئي پيغام هڪ ويو آهه جو داناءِ راز
تنهن مٿي جيڪو هاي ٿيندو آهواي سرفراز
هت ۽ هت رهندو برابر آن جو عزو امتياز
مدح ۾ آن جي رهي ٿو ٿي غني نغمه طراز

شل هلون نقش قدم تي مرد حق آگاه جي
۽ ٿئي حاصل هدايت شل مهابي شاه جي

هن وقت جناب مسرور حسن صاحب ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن، جو
سائڻي وقت تي شاه ثقافتي مرڪز جو پريزيڊنٽ بہ آهي، تنهن جي
نيڪ راءِ اها آهي تہ شاه جيڪي معرفت جا مانڪ پکيڙي ڇڏيا آهن ان
کي موڙي مشابهت جي لحاظ سان مالها ئون مڙهيون وڃن. هيءَ انهي
ڏس ۾ پهريون قدم آهي جيڪو انفرميشن ڊپارٽمنٽ جي طرفان کنيو ويو
آهي ۽ ڪوشش اها آهي تہ هن دفعي شاه اسلامي اندار بابت جيڪي
چيو آهي سو جي سڀ نہ تہ بہ آن جو ڪو حصو عام جي آڏو آنجي.

اها دعويٰ نہ آهي تہ ڪو هتي سڀني جواهرن کي جوڙي آندل
آهي، پر ڪتاب جي ضخامت ۽ وقت جي لحاظ سان جيڪو ڪم ڪيل

Marfat.com

آهي سو الهيءَ ڏس ۾ هڪ ننڍڙي وک آهي ۽ جيئن مسافر منزل ۾ پهرين قدم آهسته کڻي پوءِ تيز هلندو آهي، تيئن اميد اهائي آهي ته جو ڪم نيڪ نيتيءَ سان ڪيو ويو آهي سو سگهو ئي وڃي پايهء تڪميل تي پهچندو.

آخر ۾ جنهن خدا رسيده بزرگ انهي راه جي رهنمائي فرمائي آهي آن جي حضور ۾ عقيدت جي اظهار ڪي ، سعادت سمجهيو وڃي ٿو.

شه پٽائي گهوٽ اي آل عليءَ جا نيڪ آل
سڀ ولايت ۽ ڪرامت جا سريا توکي ڪمال
جنکي احسن ٿا چون، سي شاه سڀ سريئي خصال
سنڌ ۾ توکي چون ٿا آهن تون لالن جو لال

ٿيو خدا جي حڪم سان تنهنجو برابر اتصال

معرفت جي ماڻڪن جي وٽ ورا هيندڙ لطيف
راز بي انداز قدرت جا سڻائيندڙ لطيف
گمرهن کي ره، هدايت جي پڌائيندڙ لطيف
من کي ليئي پار پرين جي پچائيندڙ لطيف

تنهنجي اکڻن جو ملڻ مشڪل ٿيو آهي مثال

شاعران سنڌ جو تون آهين افسر خوب خوب
نقش پا تنهنجو اسان لئه آهه رهبر خوب خوب
تنهنجو ٿيو رمزو معانيءَ ۾ ته دفتر خوب خوب
ٿيو عروس سنڌ وٽ هي واه زيور خوب خوب

ڇا سندس جڳ مڱ جلا ۽ ڇا سندس جوت ۽ جمال

Marfat.com

مرتبو حاصل وڏو ٿيو حافظ شيراز کي
پر ڏسي ها ڪاش تنهنجي شعر جي انداز کي
سوز تنهنجي کي سچائي ها پر وڙي ساز کي
تنهنجي قدمن ۾ ڦلو تنهنجي ڪري ها ناز کي

تنهنجي زهد و اتقا جو آهي هي، حاصل مال

دفتر معنيءَ جوان يا آهي شربت الڪبين
شعر تنهنجو ٿيو شريعت جي امانت جو امين
جا ڀ آهي، آهي ليڪن مولڪي ٿيو اهڙو يقين
جيسين قائم آسمان ۽ آهي گردش ۾ زمين

تيسين اچڻون ناهي ٿيو سنڌي زبان تي ڪو زوال

گنج تنهنجو شاه ٿيو قرآن جو تفسير آهه
جنهن کان ٿئي روشن جهان گويا آها تنوير آهه
جا معانيءَ ۾ مڪمل جا سنڌس تطهير آهه
ويئي وڌي جنهن کان زبان سنڌ جي توقير آهه

شعر تنهنجي جي سچائي ڪنهن ۾ ڪا حد ڪمال

تنهنجي هر هڪ بيت جو هر لفظ ٿيو الهام آهه
معرفت جو ۽ حقيقت جو منجهس پيغام آهه
الف جنهنجي ابتدا ۽ الف تي اختام آهه
يعني اول تا ڀ آخر هڪ خدا جو نام آهه

حق جي تعليم ڏاران پيو ڀ اُن ۾ قيل و قال

Marfat.com

واقعن ٽي ڙو جڏهين پنهنجو قلم تون وار ٿين
ڪٿ پنهل ٿي ڀاڻ تون ٿي ڪٿ سسئي ڏيکارٿين
يا ته ليلا ٿي ڪٿي پرور اڳيان پو ڪارٿين
يا وطن جي ياد ۾ هر هر هنجهون ٿو هارٿين

زخم خورده جيڪي دليون تن جو تو ڪيو اند مال

شل وطن وارن کي اهڙي ڪا سعادت اچ سري
تنهنجي نسخي کي اٿن هٿ ۾ ڪٿي رهبر ڪري
آهه هيئن لاريب تن تان هر مصيبت ڪر ٽري
باليقين هر دو جهان ۾ تن جي جهڪر ٻت پري

تنهنجي در تي ملتجي آهي غني ٿيو خسته حال

جنهن الاهي عشق ۾ هن سونهاري سهڻ جوڳيءَ ٿي جبل جهاڳيا، ساموندي سفر ڪيا ۽ تڙ تڪيا ۽ چيو ته

اول آخر آهه هلڻون مولکي هوت ڏي

سو نوٽ هن لٽهجي تي ٻهتو ته

عاشق معشوقن جي وٺي وهه ڳري
جم ورچي جڏهين سندي دوست دري
ڏيندا ٻڪي ٻاجهه جي، ويندءِ لپ لري
اسان تان ته سري، توڪيئن سري سهرين

* * *

عاشق معشوقن جو وٺي ويهج سهر

Marfat.com

اڇي پڇند ۽ پاڻهين، پرتا پري پر
پلائن سندو پير، رهبر ٿيندءِ راهه ۾

عاشق معشوقن جو وٺي ويهج در
اڇي پڇنده سپرين لهندءِ سر سپر
پلاليءِ جو پير رهبر ٿيندءِ راهه ۾

عاشق معشوقن جو وٺي ويهه دڪان
اڇ پيش پرين جي اٿيءِ وڃهي پاڻ
تهِ تون تنين ساڻ، سدا رهم سرخرو

عاشق معشوقن جو وٺي ويهج گهٽ
جم ورچي ڇڏئين موڪيءِ سندو مٽ
ڪري سرجي ست، پڇ ڪي پياليون

عاشق معشوقن جو وٺي ويهج رند
پياريندءِ پاڻهي ميخاني جو سند
ڪيم ڪڏهن تون ڪند اوڏو ٿي آن ڪي

۴ آخر دوست جي ديدار جو اميدوار ٿي جوي ٿو

توجهون جي تات تن پڻ آهي تنهنجي
فاذڪروني اذڪرڪم اي پروڙج پات
هت ڪاتي ڳڙ وات پڄل پر پرين جي

عاشقن الله جي سدا وائي وات
فاذ ڪروني اذڪر ڪم تن ۾ اها تات
الهيءَ ڪان ڪنهن ساعت، سڄڻ ويل نه وسري

Marfat.com

۽ ٻر الهن پنڌن ڪان ٻوه جي وجود ۾ وڙائين ته سندس حق ٻن نگاهن ڏسي ورتو ته -

ونحن اقرب اليه من حبل الوريد -

● فرمايائون ته :-

طالب ڪثر منه سر رومي ۽ چئو آهي
تاڙي جي لاهي ته منجهم مشاهدو ٿئي

* * *

طالب ڪثر منه سر اي ۽ رومي ۽ جي اوطاق
جي پوي در فراق ته منجهم مشاهدو ٿئي

* * *

ووڙيم سڀ وڻاڻ ٻار ڪارڻ جت جي
والله بڪل شيءِ محيط اي ۽ آرباٿي ۽ اهڃاڻ
سڀ ۾ پنهون پاڻ ، پيوناهه پروچ ري

* * *

جان پيهي ڏٺم پاڻ ۾ ڪري روح رهاڻ
تان ڪو ڏونگر ڏيهه ۾ نڪا ڪيچين ڪاڻ
پنهون ٿيس پاڻ ، سسئي تان سور هوا

* * *

پر گهر پاسو ڪري پچ پريان ڪر پاڻ
سو تان توئي ساڻ جه لئه جفا لون ڪرين

* * *

شل الله تعاليٰ سڀني کي اها هدايت ڏي جو اسين انهيءَ ٻارهري هادي ۽ جي هدايت تي هلون ۽ ثواب دارين حاصل ڪريون -

Marfat.com



ڀٽ شاه ۾ شاه لطيف جي ورسي جي موقعي تي محفل موسيقي.

Marfat.com



درگاه شريف جو اندروني منظر ڊويزنل ڪمشنر ۽ ٻيا آفيسر مرمت جي
ضرورتن جو جائزو وٺي رهيا آهن.

Marfat.com

# حصہ نظم

L (iv) 523—10

Marfat.com

Marfat.com

# سلام عقيدت

السلام اي شاعر مشرق سلام    السلام اي صاحب عالي مقام
السلام اي اوليائن جا امام    السلام اي پاڪ ذات و پاڪ نام

ڪامل و اڪمل ولي توتي سلام
نازش آل علي توتي سلام

مالڪ صبر و رضا تو تي سلام    رهبر راهه بقا تو تي سلام
مخزن مهر وفا تو تي سلام    مصدر صدق صفا تو تي سلام

تابع حڪم خدا تو تي سلام
شاڪر رنج و بلا تو تي سلام

چاره ساز بيڪسان تو تي سلام    ياور درماندگان توتي سلام
تاجدار عاشقان تو تي سلام    سنڌ جا روح روان تو تي سلام

بحر حڪمت جي شناور تي سلام
معرفت جي پاڪ دفتر تي سلام

پاسبان قصر و ايمان تي سلام    رهنماءِ راهه عرفان تي سلام
مظهر انوار يزدان تي سلام    پيڪر تصوير قرآن تي سلام

السلام اي دين احمد جا نقيب
السلام اي مير مرسل صہ جا حبيب

راهه حق جا رهنما تو تي سلام    صاحب جودو سخا توتي سلام
منبع افضل و عطا تو تي سلام    صدر اعظم صوفيا تو تي سلام

السلام اي راز حق جا راز دار
السلام اي شاعريءِ جا شهر يار

محسن سنڌي زبان تو تي سلام    باغ سنڌ جا باغبان تو تي سلام
علم جا گوهر گران تو تي سلام    واعظ جا دوربان تو تي سلام

نازش بزم سخن تو تي سلام
زينت هر انجمن تو تي سلام

Marfat.com

# نذر عقيدت

اي طلبگار حقيقت معرفت جا رهنما
شهه ڀٽائي گهوٽ سهڻا مرحبا صد مرحبا

سنڌ کي ٿيو ناز آهي شاه تنهنجي ذات کي
فخر انهيءَ ناز تي ڪريان اهو بلڪل بجا

دفتر معنيٰ جو گويا بحر بي پايان تون
ڇا ڪريان تعريف تنهنجي اي سخنور سنڌ جا

تون ولين ۾ ولي سرتاج صوفين جو چوان
سا زبان آهي ڪٿي پوري ڪري تنهنجي ثنا

صفح دنيا تي رهندو تنهنجي تقويٰ جو مثال
صابر و شاڪر آهيءَ تي جا خدا جي ٿي رضا

معرفت جي بزم تو کان ٿي سدا سينگاريل
حق جي تعليم ڏيئي تو ڪيو حق آشنا

شعر ۾ ندرت شعاريءَ جو ٿيو تو کي ڪمال
همسريءَ جي ڪو ڪري دعويٰ ته ٿي ڪوڙي آها

نفس جي لفسانيت نابود ٿي هن کان ٿئي
عشق جا شعلا اٿن ۽ ناس ٿئي حرص و هوا

تو مس دل کي بنائي سون خالص جو مثال
شعر انهيءَ جو شاه سچ پچ آهي نسخه ڪيميا

وير ۽ ويچا وڃائي دل منجهان دوئي ڪيدي
صلح ڪل جا ڪل سبق ثابت ٿين هن مان صفا

Marfat.com

سمجهه ڪهڙي؟ جا نه سمجهي شاه تنهنجي شعر کي
سمجهه وارن کي ڏٺي هن مان ٿي حاصل رهندي

جي ڪري جاڙون جبل ته به تنهنجي منزل ڪيچ ٿي
تنهنجي پيرن کي ڪري پانهون نه سگهيا ڏاڪڙا

ويس مارئي ۾ پڌائين داستان حب الوطن
ٿيو اشارو آهه آن ۾ سڀ وطن تان ٿيو فدا

عشق جي دريا جو آهي تو ڏنو سهڻو مثال
ٿيو مرڻ حق پر پڌيءَ جا تو چيو پيڙا ٿيا

راه جو ريجهڻ رمڻ چا سو چنيسر ۾ چٽو
جن رسايو راه کي سي ڪينن رلي رڻ ۾ پيا

سين سائل ۾ سڻايا سور تو سورڻ سندا
مثل مومل جي رهين ٿو عشق ۾ اڳرو سدا

ڪٿ پسايو پاڻ تو نوريءَ سندو آهي نياز
سو پڌائي عجز آزي مان ڏٺي ٿو چا عطا

سنڌ وارن تي اهو تنهنجو وڏو احسان آهه
آهه ٿيو سنڌي زبان کي تو ڪان ئي حاصل بقا

شاه تني تعليم تنهنجي هڪ بهار بي خزان
تر و تازه ٿي رکي جا سنڌ جو گلشن سدا

معدن حڪمت جو آهين شاه تون ئي ڪانڪن
گنج تنهنجي ۾ ڏنم گوهر هزارين بي بها

Marfat.com

تنهنجي ابتن ۾ پريل تفسير ٿيو قرآن جو
فيضور جنهن کان هزارين شاه ٿيا توڙي گدا

در حقيقت معجزي کان پي مثي تنهنجو ڪلام
ڪنهن به شاعر کان ادائي ڪين جا تنهنجي ادا

فهم انساني سچائي شاه تنهنجو شان ڪينءَ
سا خبر آهي خدا کي در حقيقت آهين ڇا

من مهابي مهر تنهنجي ميتجن منهنجون مديون
در خدا جي آه منهنجي با ادب هيءَ التجا

قابل تعظيم هي در قابل تڪريم تون
جي غني سڏجن آهي پي هت ٿيا آهن گدا

---

## هديه عقيدت

شاعران سنڌ جو تون آهين رهبر يا لطيف
صوفين ۾ ڪونه ڪو تنهنجي برابر يا لطيف
عاشقان حق جو تون آهين افسر يا لطيف
آهين بحر علم جو تون لي شناور يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪونه همسر يا لطيف

* * *

Marfat.com

چو ٿو ٿئي نازان توتي سنڌ ۽ سنڌي زبان
بخش جنهنکي آهہ تنهنجو تو کان حيات جاودان
جي ٿيا پيدا راز مخفيءَ جا ٿئين ها راز دان
گنج حڪمت مان ڪڍي ها ڪير گوهر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان تو ڪونہ همسر يا لطيف

* * *

شعر ۾ باريڪ نڪتن تي رسي تنهنجي نگاه
تنهنجي تلميحن اشارن تي چوي دل واه واه
شاعريءَ جي مملڪت جو تون برابر بادشاه
آسمان علم جو اڪمل تون اختر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان تو ڪونہ همسر يا لطيف

* * *

شعر تنهنجي جو مثالهون هن ڪري تنهن مرتبو
جو ڪلام پاڪ ۾ تنهنجو ڪيو تفسير تو
عبد ۽ معبود جو توکان تفاوت ڏيو چٽو
راز جي قدرت رکيا تون تن جو ماهر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان تو ڪونہ همسر يا لطيف

* * *

علم عرفان جي حقيقت کي ڪيو تو بر ملا
آهہ چا راز تصوف تنهنکي تو ڪوليو صفا
سا مثالي صاف جيڪا ٿئي شرع جي اقتدا
نڪتہ تحقيق جو تون نڪتہ پرور يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان تو ڪونہ همسر يا لطيف

Marfat.com

طالب تحقيق خاطر راهبر تنهنجو ڪلام
ابتدا نام خدا سان آهي عبرت اختتام
تو پڙهي دل سان پرائي فيض هن مان خاص عام
حق جي تعليم سان پر تنهنجو دفتر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان تو ڪون همسر يا لطيف

* * *

زهدو تقويٰ ۾ ملڻ آهي عبث تنهنجو مثال
خوش رهين هر حال ۾ توڙي ٿيو جي خسته حال
تو قبوليو ڪين ڪي دنيا سندو مال و منال
سور ۽ سختيون پسند ڪيا پنهنجي خاطر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان تو ڪون همسر يا لطيف

* * *

سنڌ ۾ تون جنهن ٿئين والي ولايت جو ڌڻي
تيئن ئي ڪو آهي ٻيو ڪامل ڪرامت جو ڌڻي
باليقين تو بعد ئي آيو ڪو هدايت جو ڌڻي
ٿيا طريقت جا طريقا توکان ظاهر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان تو ڪون همسر يا لطيف

* * *

جنهن امارت ڪي ڦٽو ڪيو تون آهو آهين امير
بادشاهي ڪاڻ مٽي ڪنهن مرتبي وارو فقير
رهبر عالم چوان توکي چوان تو دستگير
تون خدائي حڪم جو ٿيو آهين مظهر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان تو ڪون همسر يا لطيف

Marfat.com

ڪير آهي جيڪو پنهنجي سر جي قرباني ڪري
ڪير آهي جو اچي ڏڙ ڪي اڏيءَ تي تو ڏري
ڪامندي ڪوري ۾ آهي ڪير جنهنجي دل ٺري

تو سوا ڏسجي نه ڪو اهڙو ڏو ڏهسر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان تو ڪونه همسر يا لطيف

* * *

ڪير آهي جو گهڙي ڪن ۾ تو گهاتوءَ جي مثال
ڪا پڙين ڏاران وڃائي ڪير پنهنجو روئي حال
آهه وڻجارن سوا تي زندگي جنهنجي وبال

سنهن خدا جو سو ته تون داتا جو دلبر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان تو ڪونه همسر يا لطيف

* * *

ديس ڏارئين ۾ رهين تو ويس مارئي جو وٺي
قيد ۾ جا بند ۾ ساڳي آها سختي سٺي
جان پنهنجيءَ تي جلائي بره واري تو ٻٺي

ٻر ڪيڏي تو ڪين هرگز ٻاڦ ٻاهر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان تو ڪونه همسر يا لطيف

* * *

L (iv) 523—11

Marfat.com

هر گهڙي توکي ڏسان تو سوز ۾ سازي ۾ تون
رات جو رائي جي خاطر روج ۽ راڙي ۾ تون
ڏينهن جو هڪلون ڪندو هلندو هلين هاڙي ۾ تون
ساٿ سورن جا ڪٺي ڏوريا تو ڏولگر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان تو ڪونه همسر يا لطيف

* * *

لعل تي ليلا وڃايو ور نه ورسايس وري
هار تي هر ڪي ته تنهنکي سور ۽ سختي سري
ڪيرتون ڪارون ڪندي منڌ نيٺ وينئي آت مري
تو نه روئي پنهنجو ريجهايو چنيسر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان تو ڪونه همسر يا لطيف

* * *

ڪير آهي ساز تي سر چي ڏلو جنهن سر اچي
سور سورٺ جان ڪٺي سو پاڻ تيو پختو پڄي
پول پيچل سان پلال تي مرد ٿيي بيٺو مچي
جيئن ته سون جاچي ڏٺو سو تون دلاور يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان تو ڪونه همسر يا لطيف

* * *

دور تنهنجو شان آهي عقل کان ادراڪ کان
ڪيئن پلا تعريف تنهنجي ڪو ڪري سگهندو بيان
عام توکي عام لفظن ۾ ڪري ٿو پيو عيان
مرتبو تحقيق جاڻي تنهنجو داور يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان تو ڪونه همسر يا لطيف

Marfat.com

دل منجهان اهڙي صدا نڪري ٿي منهنجي بار بار
معرفت جي مئي منجهان ڪا سرڪ تون ساقي پيار
ٿي ويان مدهوش، مدهوشيءَ ۾ پسجي جلوه يار
تون عطا ڪر منهنجي دل کي اهڙو اوجر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڌسان ٿو ڪو، همسر يا لطيف

* * *


اي "غني" دل ساڻ چؤ تنهن نڪتہ پرور تي سلا
طالب - حق بي ريا محبوب - داور تي سلام
جو سخي صاحب سخا جو اهڙي سرور تي سلام
بي بدل عالم، ولي، سهڻا سخنور يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڌسان ٿو ڪو، همسر يا لطيف

Marfat.com

باهتمام جي - اي - مجددي سپرنٽينڊنٽ مغربي پاڪستان
گورنمينٽ پريس ڪراچي ۾ ڇپيو ۽
ڊائريڪٽر محڪمه اطلاعات، مغربي پاڪستان، حيدرآباد
ريجن طرفان شايع ڪيو ويو.

Marfat.com

Marfat.com



درگاہ شاہ عبدالطیف بھٹائی

Marfat.com



درگاھ شاہ عبدالطیف بٹا

Marfat.com